بقايا	1	دورو

محمد اسحاق ڊار برسلز جي جاري دوري دوران نيٽو هيڊڪوارٽر جو دورو ڪيو ۽ نيٽو جي سيڪريٽري جنرل مارڪ روٽي سان ملاقات ڪئي ترجمان ڪالهه ڏينهن پريس بريفنگ ۾ چيو ته نائب وزيراعظم ۽ نيٽو جي سيڪريٽري جنرل جي وچ ۾ ٿيندڙ ملاقات ۾ ڌرين گڏيل دلچسپي جي معاملن بشمول امن ۽ سلامتي، دهشتگردي ۽ علائقائي ۽ عالمي اڀرندڙ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي پرڏيهي آفيس جي ترجمان چيو ته نائب وزيراعظم سينيٽر محمد اسحاق ڊار هنگري جي پرڏيهي وزير سان ٻطرفي ملاقات ڪئي جنهن ڪانئوءِ ٻنهي ملڪن هنگريڪم وظيفا پروگرام 2028 — 2026ع جي فريم ورڪ تحت تعاون بابت مفاهمت نامي جي تجديد تي صحيحون ڪيون اهو پروگرام پاڪستاني شاگردن کي هنگري ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جي لاءِ 400 وظيفن جي آڇ ڪندو هن چيو ته نائب وزيراعظم ۽ جو برسلز جو دورو پاڪستان ۽ يورپي يونين جي لاڳاپن ۾ هڪ اهم سنگ ميل آهي ترجمان وڌيڪ چيو ته پاڪستان يورپي يونين سان هڪ جامع ۽ گڏيل فائديمند حصيداري کي فروغ ڏيڻ جي لاءِ پرعزم آهي.

شهرين کي هنگري ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جي لاءِ 400 اسڪالرشپس ڏنيون وينديون. طاهر اندرابي چيو ته پاڪستان اسرائيلي قابض فوج ۽ انتهاپسند آبادڪارن پاران والاريل اولهندي ڪناري ۾ فلسطينين جي خلاف انساني حقن جي مسلسل خلاف ورزين جي شديد مذمت ڪئي آهي جنهن ۾ مسجد اقصيٰ تي بار بار قبضو ڪرڻ ۽ نمازين جي خلاف اشتعال انگيزي شامل آهي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان چيو ته اهڙي طرح جا قدم عالمي قانون ۽ گڏيل قومن جي لاڳاپيل قراردادن جي واضح خلاف ورزي آهن ترجمان ان ڳالهه تي زور ڏنو ته مقدس جاين جي تقدس کي عالمي قانون ۽ تاريخي حيثيت موجب يقيني بڻايو وڃي هن چيو ته پاڪستان عالمي برادري کان مقدس جاين جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ آبادڪارن جي وڌيڪ تشدد ۽ دراندازين کي روڪڻ سميت گڏيل قومن جي لاڳاپيل قراردادن کي برقرار رکڻ جي لاءِ فوري ۽ موثر قدم کڻڻ جو مطالبو ڪري ٿو. پرڏيهي آفيس جي ترجمان چيو ته اسان ٻه رياستي حل تي ٻڌل منصفاڻي جامع ۽ پائيدار امن جي حمايت ۾ ان جي اصولي موقف جو ورجاءُ ڪريون ٿا جنهن جي نتيجي ۾ هڪ آزاد، خودمختيار قابل عمل ۽ لڳولڳ فلسطين جي رياست قائم ڪئي وڃي جيڪا جون 1967ع کان اڳ جي سرحدن تي ٻڌل هجي ۽ جنهن جي گادي وارو شهر القدس الشريف هجي طاهر اندرابي ڀارت جي غيرقانوني طور تي قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير ۾ انساني حقن جي مسلسل ۽ سنگين صورتحال تي گهري ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ته وسيع پئماني تي نظربندين گرفتارين ۽ بنيادي آزادين تي وسيع پابندين جون پاليسيون والاريل ڪشمير جي آبادي کي گڏيل سزا ...

بقايا	2	پاڪستان

جي خلاف انساني حقن جي مسلسل خلاف ورزين جي شديد مذمت ڪري ٿو پاڪستان عالمي برادري بشمول گڏيل قومن انساني حقن واري ڪائونسل ۽ گڏيل قومن جي انساني حقن بابت هاءِ ڪمشنر کان مطالبو ڪري ٿو ته اهي والاريل ڪشمير ۾ انساني حقن جي سنگين صورتحال جو نوٽيس وٺن انساني حقن جي خلاف ورزين تي ڀارت جي ...

بقايا	31	شڪار

ڏسڻو پئجي ويو آهي. شو ۾ مختلف ملڪن جا جهاز پيش ڪيا ويا. شو ۾ فضائي ڪرتب ڏيکاريندي ڀارت جو جهاز ڪري تباهه ٿي ويو جهاز کي حادثو آخري ڏينهن پيش آيو جنهن بعد فوري طور ريسڪيو آپريشن ڪيو ويو.

بقايا	23	ملاقات

اسڪول ۽ ڏورانهن علائقن جي ٻارن لاءِ ڊجيٽل ٽيڪنالاجي ذريعي تعليمي سهولتون فراهم ڪري ٿو.

ليفينگ لي ڪري رهيا هئا ته جيئن صوبي ۾ اهم زرعي ۽ آبهوا لچڪ (climate-resilience) وارن قدمن تي ٿيندڙ ترقي جو جائزو وٺي سگهجي هي ملاقات جيڪا ...

وينداو هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي ملڪ جي ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ سنڌ ۾ بهترين بلدياتي نظام نافذ ڪيو آهي، جتي بلدياتي نمائندا هر وقت ميدان ۾ موجود آهن ۽ عوام سان سڌي نموني رابطي ۾ آهن. سعديه جاويد چيو ته سياسي جماعتن کي گهرجي ته الزامن بدران عوامي مفاد ۾ حڪومت جو ساٿ ڏين جيئن شهر ۽ صوبو وڌيڪ ترقي ڪري سگهي.

INVITATION TO E-BID

THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through **SAP-Ariba Discovery** for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

S. #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-SYS-60-3336-303807291-2025	POST IMPLEMENTATION REVIEW OF SAP	09.12.2025 AT 1030 HRS
2.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-DO-303809755-2025	AIR DRILLING SERVICES	09.12.2025 AT 1030 HRS
3.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-PNP-60-3338-303821807-2025	C-TYPE INSPECTION OF ALTERNATOR COUPLED WITH EGT-1	11. 12.2025 AT 1030 HRS
4.	OGDCL-SCM-FA-CB-DS-302853318-2025	XANTHAN GUM	24.12.2025 AT 1100 HRS

EXTENSION NOTICE

BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **25.10.2025**, it is notified that the bid submission/opening date of the following case is extended as follows:

S. #	TENDER NO.	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-DF-301040419-2025	HIRING OF MUD ENGINEERING SERVICES ALONG WITH MUD CHEMICALS	03.12.2025 AT 1030 HRS

3. Bidders who have already submitted/ sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) website at **www.ppra.org.pk**.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **discovery.ariba.com/profile/AN01562899621**. For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
7. OGDC reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL Headquarters, Plot No. 03, Jinnah Avenue, Blue Area, Islamabad, Pakistan.
Tel: +92 (51) 920023540/3795

ogdcl.com — OGDC the energy

No.302/31

گورنمينٽ آف سنڌ

ريجنل ڊائريڪٽوريٽ ڪاليجز شهيد بينظير آباد ايٽ نوابشاهه

فون ۽ فيڪس نمبر: 0244_360574 اي ميل: rdcsba2016@gmail.com

NO.RDCSBA/INSP/_183/2025_26 Dated:01_11_2025

اشتهار

شهيد بينظير آباد ريجن (ضلعي شهيد بينظير آباد، سانگهڙ ۽ نوشهروفيروز) جي مستقل رهائشين کان هيٺين عهدن لاءِ درخواستون طلب ڪيون وڃن آهن. درخواستون، گهربل قابليت، تجربي ۽ ٻين شرطن سان گڏ، هن اشتهار جي اشاعت جي پندرهن (15) ڏينهن اندر جمع ڪرائڻ گهرجن.

سيريل نمبر	عهدي جو نالو	بي پي ايس	عهدن جو تعداد	عمر جي حد: گهٽ ۾ گهٽ	عمر جي حد: وڌ ۾ وڌ	تعليمي قابليت، تجربو ۽ ٻيون شرطون
01	ڪمپيوٽر آپريٽر	12	21	21	28	i. هائير ايجوڪيشن ڪميشن (HEC)پاران تسليم ٿيل ڪنهن به يونيورسٽي مان ڪمپيوٽر ۾ گهٽ ۾ گهٽ سيڪنڊ ڊويزن (يا برابر) ۾ گريجوئيٽ.
02	جونيئر ڪلرڪ	11	11	21	28	i. هائير ايجوڪيشن ڪميشن (HEC)پاران تسليم ٿيل ڪنهن به يونيورسٽي مان گهٽ ۾ گهٽ سيڪنڊ ڊويزن ۾ گريجوئيٽ. ii. سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن / ٽريڊ ٽيسٽنگ بورڊ پاران تسليم ٿيل ڪنهن اداري مان ايم ايس آفيس ۾ ڇهن (06) مهينن جو سرٽيفڪيٽ ڪورس
03	ڪيٽلاگر	11	08	21	28	i. لائبريري سائنس ۾ بيچلر BS / لائبريري سائنس) يا لائبريري ۽ انفارميشن سائنس ۾ ايسوسيئيٽ ڊگري (AD-LIS) يا ڊپلوما (لائبريري سائنس) ۽ سرڪاري اختياري ڪاتي پاران تسليم ٿيل اداري مان ايم ايس آفيس ۾ سرٽيفڪيٽ هجڻ.

هدايتون/شرط ۽ ضابطا:

1. اميدوار جيڪي هيٺ ڏنل شرطن تي پورا لهن ٿا، اهي سنڌ حڪومت جي جاب پورٽل https://sjp.gos.pk ذريعي ڄاڻايل عهدن لاءِ درخواست ڏئي سگهن ٿا.
2. اميدوارن کي سکر آئي بي اي ٽيسٽنگ سروسز (ايس ٽي ايس) پاران منعقد ڪيل گريجوئيشن ڪيٽيگري لاءِ جنرل اسڪريننگ ٽيسٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 40 سيڪڙو مارڪون حاصل ڪرڻ گهرجن ۽ انهن عهدن تي مقرري لاءِ گهربل ايس ٽي ايس پاران جاري ڪيل سرٽيفڪيٽ هجڻ گهرجي.
3. اميدوارن جي عمر جو حساب سنڌ سول سروسز (عمر جي حد ۾ رعايت) ضابطن، 2024، ضابطي 7 جي مطابق ڪيو ويندو، درخواست جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ تي. بهرحال عمر جي حد ۾ 5 سالن جي رعايت ڏني ويندي. سروسز، جنرل ايڊمنسٽريشن ۽ ڪوآرڊينيشن ڊپارٽمينٽ جو نوٽيفڪيشن نمبر SOII(SGA&CD)564/2011 (حصو-II) تاريخ 06.03.2025.
4. شروعاتي مقررين لاءِ رکيل ڪوٽا سنڌ حڪومت جي ضابطن/پاليسين مطابق لاڳو ڪئي ويندي.
5. 15% عورتن، 5% اقليتن ۽ 5% معذورن جو نڪرندڙ ڪوٽا قاعدي/پاليسي مطابق برقرار رکيو ويندو.
6. اميدوار جيڪي اڳ ۾ ئي سرڪاري نوڪري ۾ آهن، انهن کي درخواست جمع ڪرائڻ کان اڳ پنهنجي لاڳاپيل کاتن کان اين او سي (ڪو اعتراض نه ڪرڻ جو سرٽيفڪيٽ) حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ انٽرويو دوران چونڊ ڪميٽي کي اصل اين او سي پيش ڪرڻ گهرجي.
7. مقرريون سنڌ حڪومت جي 26.04.2023 جي پاليسي ۽ سنڌ سول سرونٽس ايڪٽ، 1973 جي ترميم ٿيل ضابطن مطابق ڪيون وينديون.
8. اميدوارن کي صلاح ڏني وئي آهي ته اهي انٽرويو لاءِ چونڊ ڪميٽي جي سامهون پنهنجن اصل دستاويزن سان گڏ حاضر ٿين. انٽرويو شيڊيول جاب پورٽل تي اپ لوڊ ڪيو ويندو.
9. انٽرويو لاءِ ڪو به ٽي اي/ڊي اي قابل قبول نه هوندو.

(پروفيسر محمد سليمان سيال)
ريجنل ڊائريڪٽر ڪاليجز
شهيد بينظير آباد ريجن

INF-KRY.NO.3905/2025

iWORK FOR SINDH — www.iwork4sindh.com — JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
بدعنواني، حڪمراني ۽ معيشت ۾ ترقيءَ جو توازن
صفحو 4

ڊاڪٽر رشيد احمد خان
سلامتي ڪائونسل غزه ۾ امن قائم ڪري سگهي ٿي؟
صفحو 4

سياسي پارٽين جي وچ ۾ ڇڪتاڻ وارو تاڃي پيٽو
اعجاز منگي
صفحو 4

مير قائم خان ٽالپر
معاشري جي ترقيءَ لاءِ نوجوانن کي نظرياتي ٽي اڳيان وڌڻو پوندو!
صفحو 4

خضدار مان اغوا ٿيل سيتارجا واسي 6 مزدور مهينو گذرڻ باوجود بازياب نه ٿي سگهيا

بلوچستان ۽ سنڌ حڪومت سميت تڪ جي چونڊيل نمائندن به غريبن جي سار نه لڌي، وارث سخت پريشان، ڪيترن ئي گهرن جو گذرڻ سفر بند

متاثر ٻڪرن ڪاٺ تي مجبور، واقعي سبب علائقي ۾ سوڳوار واري صورتحال ڇانيل، مزدور بلوچ ريڙهاڪ تنظيم وٽ يرغمال ٻڌل

شهيد آباد، محمد صادق ڪبر ۽ ڳوٺ موٽيل ڪبر ڳوٺن جا 6 ڳوٺاڻا بي بلوچ ڪمپني ۾ خضدار ۾ هڪ روڊ جي تعمير ڪري رهيا هئا: سماجي اڳواڻ

سمورا مغوي پورهيت آهن ۽ سنڌن مزدوري تي گهرن جي چلهه ٻرندي آهي جنهن ڪري انهن جا خاندان سخت پريشان آهن

سيتارجا(ن ع) بلوچستان واري علائقي خضدار مان بي بلوچ ڪمپني ۾ ڪم ڪندڙ سيتارجا جا 6 مزدور عرفان علي، محمد عظيم، بهادر علي، توفيق احمد، مبارڪ علي، محمد رفيق ڪبر هڪ مهيني کان وڌيڪ عرصو گذرڻ باوجود بازياب نه ٿي سگهيا بلوچستان، سنڌ حڪومت سميت تڪ جي چونڊيل نمائندن سميت ڪنهن اغوا ٿيلن جي بازيابي لاءِ ڪردار ادا نه ڪيو جنهن حوالي سان علائقي جي سياسي سماجي اڳواڻن پ پ تعلقه ميرواهه جي صدر حاجي غلام عباس ڪبر فنڪشنل مسلم ليگ تعلقه ميرواهه جي صدر امير طارق حسين ڪبر سماجي اڳواڻ نور محمد ڪبر، اخلاق احمد ڪبر گل احمد ڪبر، محمد يونس ڪبر سميت ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سيتارجا جي ڳوٺن شهيد آباد محمد صادق ڪبر ۽ ڳوٺ موٽيل ڪبر جا رهواسي 6 ڳوٺاڻا بي بلوچ ڪمپني ۾ مزدوري ڪندا آهن جيڪي بلوچستان جي خضدار واري علائقي ۾ هڪ روڊ جي تعمير ۾ ڪم ڪري رهيا هئا ته تقريبن هڪ مهينو اڳ انهن کي بلوچ ريڙهاڪ تنظيم جي هٿيارٻندن اغوا ڪري پاڻ وٽ يرغمال بڻائي رکيو آهي هنن چيو ته اهڙي صورتحال بعد مغوين جي گهرن ۾ سخت پريشاني ۽ مايوسي واري صورتحال آهي هنن چيو ته سمورا مغوي پورهيت آهن ۽ سنڌن مزدوري تي گهرن جي چلهه ٻرندي آهي جنهن ڪري انهن جا خاندان سخت پريشان آهن جڏهن ته هڪ مهيني کان وڌيڪ عرصو گذرڻ باوجود سرڪار توڙي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن پاران ڪوبه تحرڪ نه ورتو ويو آهي هنن وزيراعظم، آرمي چيف، وزير اعلي بلوچستان سنڌ حڪومت سميت تڪ جي چونڊيل نمائندن کي اپيل ڪئي ته سنڌن مغوي پيارن کي جلد باسلامت بازياب ڪرائي ڏنو وڃي

سيتارجا: هڪ مهيني کان وڌيڪ عرصو گذرڻ باوجود اغوا ٿيل سيتارجا واسي مزدور بازياب نه ٿي سگهيا

27ترميم نامنظور، ايس يو پي ۽ سنڌ ايڪشن ڪميٽي پاران مٽياري ۾ مظاهرو

مظاهرين پاران 27 آئيني ترميم ۽ پيپلزپارٽي خلاف شديد نعريبازي ڪئي وئي

27 آئيني ترميم ۾ سمورا اختيار اسٽيبلشمينٽ حوالي ڪيا ويا آهن: ارشد آخوند

مٽياري(د ر) 27آئيني ترميم نامنظور، ايس يو پي ۽ سنڌ ايڪشن ڪميٽي ضلع مٽياري جو مظاهرو 27 ترميم ۽ پيپلزپارٽي خلاف شديد نعريبازي ڪئي وئي .سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ضلع مٽياري ۽ سنڌ ايڪشن ڪميٽي پاران ايس يو پي اڳواڻ ارشد رسول آخوند ۽ دوست علي شيخ جسقم ضلع مٽياري جي صدر ذوالفقار ڏيٿو. شهزاد سنڌي. صدام ڪوسو. وڪيل اڳواڻ سجاد ڪلهوڙو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مٽياري پريس ڪلب اڳيان 27 آئيني ترميم خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي وفاقي حڪومت ۽ سنڌ حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪئي اڳواڻن جو چوڻ هو ته ايس يو پي جي مرڪزي قيادت جي سڏ تي اڄ پوري سنڌ ۾ احتجاج ڪيو پيو وڃي اڳواڻن جو چوڻ هو ته 27 آئيني ترميم ۾ سمورا اختيار اسٽيبلشمينٽ حوالي ڪيا ويا آهن هاڻي ته سياسي قيادت توڙي جوڊيشري به اسٽيبلشمينٽ جي ڪنٽرول هيٺ اچي ويا آهن 27 آئيني ترميم سان صوبن جا اختيار ختم ڪري وفاق حوالي ڪيا پيا وڃن اڳواڻن جو چوڻ هو ته 27 ترميم کان پوءِ 28 ترميم جون ڳالهيون هلندڙ جنهن ۾ صوبن کي ورهائڻ جون ڳالهيون پيون هلن ۾ اسان ٻڌائڻ ٿا چاهيون ته جيسيتائين به هڪڙو سنڌ جو غيرتمند پٽ زندهه هوندو سنڌ تقسيم نه ٿيندي اڳواڻن جو چوڻ هو ته جيسيتائين ترميم ختم نه ٿي ڪئي وڃي اسان جو احتجاج جاري رهندو

مٽياري: مظاهرين پاران 27 آئيني ترميم ۽ پيپلزپارٽي خلاف شديد نعريبازي ڪئي وئي

ٽائون ڪميٽي پٿورو ۾ انتظامي بحران شدت اختيار ڪري ويو، ملازمن پاران ڪم ڇڏ هڙتال، مظاهرو

ٻن مهينن کان ٽائون آفيسر مقرر نه ٿيڻ ۽ پگهارون نه ٿيڻ خلاف ٽائون ملازمن ڪم ڇڏ هڙتال ڪري

ملازمن جون پگهارون ٻن مهينن کان بند پيل آهن، ملازم فاقاڪشي واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن، مسلسل سراپا احتجاج آهن: اڳواڻ

هفتي اندر ٽائون آفيسر مقرر ڪري اسان جون پگهارون نه ڪيون وڃن نه اسان ڊي سي آفيس عمرڪوٽ اڳيان ڌرڻو هڻبو ويندو

پٿورو(ن ع) ٽائون ڪميٽي پٿورو ۾ انتظامي بحران شدت اختيار ڪري ويو ٽائون ڪميٽي پٿورو ۾ گذريل ٻن مهينن کان ٽائون آفيسر مقرر نه ٿيڻ ۽ ٽائون ملازمن جون پگهارون نه ٿيڻ خلاف ٽائون ملازمن پاران ڪم ڇڏ هڙتال احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ٽائون ملازم فتح محمد منگريو - عبدالرشيد سمون - گلزار ابڙو - ديدار سومرو - ايوب راهمون - هيمر منگريو- ديدار حسين رونجهو - دولت ميگهواڙ - نواز سولنگي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٽائون ڪميٽي پٿورو کان پريس ڪلب پٿورو تائين احتجاجي مظاهرو ڪري ريلي ڪڍي وئي ٽائون ڪميٽي پٿورو ۾ گذريل ٻن مهينن کان ٽائون آفيسر مقرر نه ٿيڻ ڪري پوري ٽائون ڪميٽي جا ڪم ٺپ ٿي چڪا آهن جڏهن ته ٽائون ملازمن جون پگهارون ٻن مهينن کان بند پيل جنهن ڪري ملازم فاقاڪشي واري زندگي گذارڻ تي مجبور، ملازم مسلسل سراپا احتجاج بڻيل ۽ چونڊيل نمائندن کان فوري ٽائون آفيسر مقرر ڪرڻ جو مطالبو بي پاسي ٽائون ملازمن پاران ڪم ڇڏ هڙتال سبب پٿورو شهر گندگي جي ور چڙهيل آهن ملازمن تڪ جي چونڊيل نمائندن سيد سردار علي شاهه، نواب تيمور خان ٽالپر، ميڊم صبا ٽالپر وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه وزير اعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه کان مطالبو آهي ته ٽائون ڪميٽي پٿورو ۾ جلد کان جلد ٽائون آفيسر مقرر ڪري اسان جون پگهارون ڏنيون وڃن هنن چتاءُ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن هڪ هفتي اندر ٽائون آفيسر مقرر ڪري اسان جون پگهارون نه ڪيون وڃن ته اسان ڊي سي آفيس عمرڪوٽ اڳيان ڌرڻو هڻبو ويندو

پٿورو: ٽائون ڪميٽي پٿورو ۾ انتظامي بحران شدت اختيار ڪري ويو، ملازمن پاران ڪم ڇڏ هڙتال، مظاهرو

ماتلي ۾ پٽ تي حملي جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف هيلٿ ورڪر پاران احتجاج

ماتلي (ن ع) گل محمد ڪالوني جي رهواسڻ هيلٿ ورڪر گلشن پٽ مگسي ۽ پٽ تي حملي جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف پريس ڪلب احتجاج ڪري جوابدارن جي گرفتاري جي گهر ڪئي پنهنجي خالد پٽ سان گڏ پريس ڪلب پهچي داٿهيو ته معمولي ڳالهه تان جوابدارن گهر ۾ داخل ٿي ڪيس ۽ پٽ شيراز تي حملو ڪري سخت تشدد جو نشانو بڻائي زخمي ڪري وڌو. هن چيو ته ٿاڻي تي فرياد لڪائڻ تي پوليس هڪ جوابدار کي نه گرفتار ڪرڻ کان پوءِ آزاد ڪري ڇڏيو جنهن بعد ٻيهر هو ڪين ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن . گلشن پاران جوابدارن جي گرفتاري ۽ تحفظ جي گهر ڪئي

مٺي ڪلوئي روڊ تي ڊمپر ۽ ڪار ۾ خطرناڪ حادثو، نوجوان موقعي تي ئي فوت ٿي ويا

ننگرپارڪر واسي ڪار ڊرائيور اجمل سنگهه ٺڪر ۽ هڪ مسافر ڇيلهار واسي نوجوان ڇهنو ميگهواڙ موقعي تي ئي فوت ٿي ويا

مٺي ڪلوئي روڊ تي ڳوٺ هيلاريو ڀير ڀرسان ڊمپر ۽ ڪار ۾ خطرناڪ حادثو پيش اچڻ سبب هڪ شخص زخمي پڻ ٿيو

فوتين ڪار ڊرائيور اجمل سنگهه ٺڪر ۽ ڇهنو ميگهواڙ جا لاش سول اسپتال مٺي آندا ويا جتان کان وارثن حوالي ڪيا ويا

مٺي (ڊ-ر) مٺي ڪلوئي روڊ تي ڳوٺ هيلاريو ڀير ڀرسان ڊمپر ۽ ڪار ۾ خطرناڪ حادثو پيش اچڻ سبب به نوجوان ننگرپارڪر واسي ڪار ڊرائيور اجمل سنگهه ٺڪر ۽ هڪ مسافر ڇيلهار واسي نوجوان ڇهنو ميگهواڙ موقعي تي ئي فوت ٿي ويا ۽ هڪ شخص زخمي پڻ ٿيو آهي فوتين جا لاش سول اسپتال مٺي آندا ويا جتان کان وارثن حوالي ڪيا ويا

باڊهه ڀرسان چانڊيا برادري ۾ جهيڙو، هڪ ڄڻو فوت ۽ هڪ زخمي

ڳوٺ گلشير چانڊيو ۾ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

گوليون لڳڻ سبب 38 سالا عجيب چانڊيو ٿڏي تي مارجي ويو

گوليون لڳڻ سبب سندس پاڻ 40 سالا محبت چانڊيو زخمي ٿي پيو

باڊهه (ن ع) باڊهه ڀرسان سيهڙ ٿاڻي جي حد ۾ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، گوليون لڳڻ جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو فوت ۽ هڪ زخمي ٿي پيو ان ڏس وڌيڪ مليل ڄاڻ موجب باڊهه لڳ سيهڙ ٿاڻي جي حد جي ڳوٺ گلشير چانڊيو ۾ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ پسٽل جون گوليون لڳڻ سبب 38 سالا عجيب پٽ محمد عرس چانڊيو ٿڏي تي مارجي ويو جڏهن ته سندس پاڻ 40 سالا محبت علي چانڊيو زخمي ٿي پيو اهڙو اطلاع ملڻ تي سيهڙ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتي جو لاش ۽ زخمي کي تعلقه اسپتال پهچايو جڏهن ته فوتي جو پوسٽ مارٽم ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو واقعي جو ڪارڻ مذڪوره برادري جي سوڻن وچ ۾ هلندڙ پراڻو تڪرار ٻڌايو پيو وڃي سيهڙ پوليس موجب واقعي ۾ ملوث پائڻ قلندر بخش ۽ علي رضا چانڊيو سميت ٻين جي گهرن تي چڙهائي ڪئي، پر جوابدار گهر خالي ڪري فرار ٿي ويا آهن پوليس موجب وڌيڪ جاچ هلندڙ آهي

باڊهه: چانڊيا برادري جي جهيڙي ۾ مارجي ويل ۽ زخمي جا فوٽو

ٺٽون ڳوٺ ڀرسان پاڪٽي پاران چاچي ۽ پوليس جي زيادتي خلاف احتجاجي مظاهرو

ٺٽون ڳوٺ (ن ع) ٺٽون ڳوٺ ويجهو ڳوٺ بيدي لاشاري واسي سرائي نبي بخش لاشاري، علي دوست غازي لاشاري، ساجن لاشاري، دلبر لاشاري، ذوالفقار لاشاري، علي رضا لاشاري ۽ ٻين ميڊيا اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي ٻڌايو ته اسان جي پنهنجي زرعي زمين آهي جنهن تي اسان جو چاچو سرائي حاجن لاشاري عبدالغفار لاشاري، عبدالغني راجا لاشاري، عرفان جاني لاشاري، قبضو ڪرڻ چاهن ٿا، ۽ موت مار ڌمڪيون پڻ ڏين ٿا، جڏهن ته هنن حد جي پوليس کي رشوت ڏئي اسان جي گهرن تي چڙهائي ڪرائي آهي، پوليس اسان کان ماڻهو ۽ پيسه گهري رهي آهي، جڏهن ته اسان معاز ڪنهن قسم جو ڪيس والقره به ناهي، ۾ ويهڙ پوليس اسان کي پريشان ڪري رهي آهي ۽ پيسه نه ڏيڻ تي اسان جي گهرن تي بناجواز چڙهائي ڪري رهي آهي، اسان جي وزير اعلي سنڌ، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو، ايس ايس پي لاڙڪاڻو ۽ وس وارن کان مطالبو آهي ته خدارا نوٽيس وٺي اسان کي تحفظ فراهم ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

ٺٽون ڳوٺ: پاڪٽي پاران چاچي ۽ پوليس جي زيادتي خلاف احتجاجي مظاهرو

راڄوخاناڻي ۾ تاجدار ختم نبوت دفاع صحابه و محبت اهلبيت ڪانفرنس

ڪانفرنس ۾ هزارين ماڻهن جي ولولا انگيز جوش جذبي سان شرڪت ڪئي

پنجاب ۾ سني جماعتن خلاف قيامت برپا ڪئي وئي آهي: ثروت اعجاز

سني مدرسا بند ڪرڻ، ڪارڪن، اڳواڻن کي گرفتار ڪرڻ ڪٿان جو انصاف آهي

راڄوخاناڻي(ن ع) راڄوخاناڻي شهر ۾ مرڪزي جماعت اهلسنت ۽ ٻين مختلف سني تنظيمن پاران هڪ ڏينهن واري تاجدار ختم نبوت دفاع صحابه و محبت اهلبيت جي عنوان سان عظيم الشان ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي ڪانفرنس ۾ راڄوخاناڻي ماتلي تلهار بدين سميت سنڌ جي مختلف شهرن علائقن ۽ ڳوٺن مان هزارين ماڻهن جوش جذبي سان شرڪت ڪئي ڪانفرنس جي جلسي گاهه کي اهلسنت علماء اڪرام ۽ سني تحريڪ جي قائدين ۽ شهيد اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي تصويرن جهنڊن سان سينگاريو ويو هو جلسي گاهه ۾ پهچندڙ مرڪزي اڳواڻن سني تحريڪ سربراهه جرنيل اهلسنت قائد اهلسنت محمد ثروت اعجاز قادري مفتي اعظم سنڌ مفتي محمد جان نعيمي امير اهلسنت حضرت علامه مولانا حاجي حافظ محمد سمون پير طريقت رهبر شريعت پير ڪرم الله الاهي المعروف دلبر سائين، پير طريقت پير نعمت الله الاهي المعروف رهبر سائين رئيس محمد شريف پرڳڙي رئيس نياز لاشاري رئيس قربان علي نوتڪاڻي وڏيرو امير بخش عرف ڪمون ملاح ۽ ٻين معززين مٿان گلن جي ورکا ڪئي ۽ ڪين سنڌ جي ثقافت اجرڪون ۽ لونگيون پڻ پيش ڪيون ويون ڪانفرنس کي تمام جذباتي خطاب ڪندي سني تحريڪ قائد محمد ثروت اعجاز چيوته پنجاب ۾ جيڪو ڪجهه سني جماعتن خلاف جيڪا قيامت برپا ڪئي وئي اها هڪ تاريخ آهي ڪنهن هڪ تنظيم سان اختلاف هجڻ جي بنياد تي سني مسجدون مدرسا بند ڪرڻ سني ڪارڪنن اڳواڻن کي گرفتار ڪرڻ ڪٿان جو انصاف آهي موجوده وقت ۽ حالتن ۾ سني تحريڪ هجي يا اهلسنت جون سموريون تنظيمون ۽ گروپ جيستائين متحد منظم ٿي هڪ پليٽ فارم تي اتحاد نٿا ڪن تيستائين سنڌن نجات ممڪن ناهي انشاءالله 2026 جو سال سمورن سني فڪر جي جماعتن تنظيمن جي اتحاد بڌي جو سال هوندو انهي موقعي تي خطاب ڪندي مفتي اعظم سنڌ مفتي محمد جان نعيمي حافظ محمد سمون حافظ غلام نبي سمون پير ڪرم الله الاهي دلبر سائين پير نعمت الله الاهي رهبر سائين چيو ت اسان جو مشن عزم اهو آهي ته تاجدار ختم نبوت خلاف ڪاب سازش يا حرڪت برداشت ن ڪئي ويندي صحابه جو دفاع ۽ اهلبيت سان محبت اسانجي منزل مقصود آهي سمورن مسلمانن جو اتحاد ۽ پاڪستان جي بقا جي لا هر قرباني ڏينداسين مولانا عبدالقدوس سمون عزيزالله شاهه محمد شريف سعيدي مولانا اسد علي مولانا حبيب الله جت مولانا محمد حسين سمون حافظ محمد هاليپوٽو ماسٽر محمد بچل پرڳڙي ،حافظ مقبول سمون ،مولانا نظر محمد دل مولانا امام بخش پناڻ، مولانا غلام حسين جوڻيجو ۽ ٻين علماء اڪرام ۽ هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي ڪانفرنس ۾ پهچڻ تي پريس ڪلب راڄوخاناڻي جي صحافين کي اجرڪون پڻ پارايون ويون

راڄوخاناڻي: ڪانفرنس ۾ هزارين ماڻهن جي ولولا انگيز جوش جذبي سان شرڪت ڪئي

سنڌ ايڪشن ڪميٽي جي سڏ تي 27هين آئيني ترميم خلاف سيوهڻ ۾ ڌرڻو

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران ڪارو ڏينهن ملهائيندي ڌرڻو هڻي نعريبازي ڪئي وئي

27هين آئيني ترميم آئي عدالتن سان ناانصافي ڪئي ڪئي وئي آهي: نواز علي رند

سيوهڻ(ن ع) سنڌ ايڪشن ڪميٽي جي سڏ تي 27هين آئيني ترميم خلاف سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران سيوهڻ ۾ ڪالهه ڪارو ڏينهن ملهائيندي وڏي انگ ۾ ڪارڪنن تعلقا صدر نواز علي رند جي اڳواڻي ۾ ايس يو پي آفيس کان ڏمال چوڪ تائين پهچي نيشنل پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي نواز علي رند، آزاد غفور نوحاڻي، عبدالحڪيم بڙدي، تاج محمد پنهيار ۽ ٻين احتجاجي ريلي کي خطاب ڪندي چيو ته ملڪ اندر 27هين آئيني ترميم آئي عدالتن سان ناانصافي ڪئي وئي آهي جيڪڏهن اهو قانون لاڳو ڪيو ويو ته عام ماڻهن به انصاف کان لاچار بڻجي ويندو هن ڪاري قانون سان انصاف ڪندڙن جا هٿ ٻڌا ويا آهن. هنن چيو ته ملڪ جا حڪمران اڄ سڌي طرح سان پنهنجي بچاءَ ۾ اهڙيون ترميمون آڻي ملڪ کي تباهي طرف ڌڪي رهيا آهن 27 آئيني ترميم نه صرف عدالتن انصاف، شعور ۽ اظهار جي آزادي جو قتل آهي ۾ صوبن جي وسيلن مٿان قبضي ڪرڻ جي تياري آهي اسان اهڙي ڪاري قانون لاءِ ڪارو ڏينهن ملهائڻ تي مجبور ٿيا آهيون ۽ اهڙي قانون کي رد ڪيون ٿا. هنن چتاءُ ڏنو ته جيستائين هي ترميمون رد نه ڪيون وڃن اسان اهڙي ڪاري قانون خلاف ملڪ ۾ جدوجهد ۽ احتجاج جو سلسلو جاري رکنداسين

سيوهڻ: سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران ڪارو ڏينهن ملهائيندي ڌرڻو هڻي نعريبازي ڪئي وئي

مسو پرڳڙي شهر ۾ اعلانيل سان گڏ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ

اڻ اعلانيل بجلي بندش شهرين جي روزمره زندگي متاثر ڪري ڇڏي

بجلي تي هلندڙ ويلڊنگ، مشينري، مارڪيٽون ۽ دڪان سخت متاثر

مسوپرڳڙي (ن ع) سيارو ايندڙ مسو پرڳڙي شهر ۾ اعلانيل سان گڏ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ۾ غيرمعمولي واڌ ٿيڻ ڪري شهري سخت پريشاني جو شڪار ٿي ويا آهن اڻ اعلانيل بجلي بندش نه صرف شهرين جي روزمره زندگي متاثر ڪري ڇڏي آهي ۾ ڪيترن وڏن ۽ ننڍن ڪاروبارن جي سرگرمين کي پڻ مڪمل طور مفلوج ڪري ڇڏيو آهي ڪاروبار معاش نيٽ ورڪ بند بجلي تي هلندڙ ڪاروبار جهڙوڪ ويلڊنگ، مشينري، مارڪيٽون ۽ دڪان سخت متاثر ٿي رهيا آهن جڏهن ته مسلسل بجلي نه هئڻ سبب نيٽ ورڪ جا ٽاور پڻ بند ٿيڻ لڳا آهن جنهن سان انٽرنيٽ ۽ ڪميونيڪيشن سسٽم ۾ به وڏو خلل پيدا ٿيو آهي واپاري برادري موجب، هي صورتحال روزانو هزارين نه پر لکين روپين جو نقصان ڪري رهي آهي شهر جي اهم فيڊر جيٽندل ڪوٽ فيڊر تي بجلي جي بندش جو مسئلو وڌيڪ شدت سان جاري آهي علائقائي ماڻهن جو چوڻ آهي ته واپڊا مٽياري عملو مبينا طور ڪنڊا چورن کان ايجنٽن جي ذريعي اوڳاڙي ۾ مصروف آهي جنهن سبب علائقي ۾ بجلي جي فراهمي مسلسل متاثر ٿي رهي آهي بار بار بجلي بند ڪرڻ جي نتيجي ۾ رهواسين سان گڏ ڪاروباري سرگرمين کي به سخت ڌڪ پيو آهي رهواسين ۽ ڪاروباري طبقي جو چوڻ آهي ته بجلي جي غير يقيني لوڊشيڊنگ سبب علائقي کي روزانو لکين رپين جو نقصان ٿي رهيو آهي جڏهن ته ڪيترائي گهر ۽ دڪان راتين جو به اونداهين ۾ ٻڏل رهن ٿا. شهري، واپاري برادري ۽ سماجي اڳواڻن واپڊا جي اعليٰ اختيارين کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي انهن جو چوڻ آهي ته اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ختم ڪري، فيڊر تي مبينا غيرقانوني عملن جا جاچ ڪيا وڃن ۽ عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي علائقي واسين جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن صورتحال تي جلد ضابطو نه آندو ويو ته هو سخت احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿيندا

مسوپرڳڙي: اڻ اعلانيل بجلي بندش شهرين جي روزمره زندگي متاثر ڪري ڇڏي

پيپلز اسڪول پروگرام نوابشاهه جي وفد پاران ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر جو دورو

27سئو کان وڌيڪ ٻار رجسٽرڊ آهن، جيڪي مختلف ضلعن مان اچن ٿا: آغا راشد

حيراني ٿي رهي آهي ته خيراتي ادارا هيئن به ملي سگهن ٿا سلام آهي: قرعته العين

سڪرنڊ (س ر) پيپلز اسڪول پروگرام نوابشاهه جو وفد پرنسپال ميڊم قرعته العين جي اڳواڻيءَ ۾ ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر نوابشاهه جو دورو ڪيو وفد ۾ استاد ، استاف ، شاگرد ۽ شاگرديائيون شامل هيون جن جي هنن سينٽر جي مختلف شعبن جو معائنو ڪيو جنهن ۾ بلڊ بينڪ ، ليبارٽري ، آئي سي يو ، فري فارما ۽ ميل فيميل وارڊ شامل هئا ان موقعي تي ٿيليسيميا ڪوآرڊينيٽر آغا راشد کين سينٽر بابت آگاهي ڏيندي ٻڌايو ته سينٽر ۾ 27 سئو کان وڌيڪ ٻار رجسٽرڊ آهن جيڪي سنڌ جي مختلف ضلعن مان اچن ٿا جن کي رت ،دوا ۽ کاڌو مفت فراهم ڪيو ويندو آهي بريفنگ ۽ شعبن جي معائني بعد پرنسپال قرعته العين ڳالهائيندي چيو ته سينٽر جو انتظام ۽ صفائي سٿرائي ڏسي حيراني ٿي رهي آهي ته خيراتي ادارا هيئن به ملي سگهن ٿا سلام آهي ڊاڪٽر محمد صادق سيال ۽ ان جي ٽيم کي جيڪي خلوص سان ٻارن جي پنهنجي اولاد جيان خدمت ڪري رهيا آهن ان دوران اسڪول جي وفد مختلف وارڊن ۾ وڃي ٿيليسيميا جي ٻارڙن سان ملاقات ڪري سنڌن عيادت ڪئي ۽ ڪين تحفا پڻ پيش ڪيا آخر ۾ وفد ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد صادق سيال سان ملاقات پڻ ڪئي جنهن ڪين ادارن بابت ڇپيل تحريري مواد تحفي طور پيش ڪيو جنهن تي وفد پاران ڪين يقين ڏياريو ويو ته پيپلز اسڪول پروگرام اوهان سان مڪمل سهڪار ڪندو ان کان اڳ جڏهن وفد سينٽر پهتو ته ٿيليسيميا جي ٻارڙن کين گلدستا پيش ڪري سنڌن شاندار آجيان ڪئي

باڊهه ۾ چورين جو سلسلو بند نه ٿي سگهيو، شهر چورن حوالي

درگاهه حاجي علي اصحاب جي مزار تان نذراني جي رقم چوري ٿي وئي

گودڙا گلي ۾ در اڳيان بيٺل موٽرسائيڪل چوري، پوليس ڪک پڃي ڀيٽو نه ڪيو

باڊهه (ن ع) باڊهه ۾ چورين جو سلسلو بند نه ٿي سگهيو شهر چورن حوالي، پوليس ڪک پڃي ڀيٽو نه ڪيس درگاهه حاجي علي اصحاب جي مزار تان نذراني جي رقم چوري ٿي وئي، گودڙا گلي ۾ در اڳيان بيٺل موٽرسائيڪل نامعلوم چور ڪاهي ويا، ان کان علاوه شهري معشوق ڦلپوٽو جوڙ تي مينهون پڻ لاپتا ٿي ويون ان سلسلي ۾ مليل ڄاڻ موجب گذريل جمعي واري رات نامعلوم چور شهر جي مشهور درگاهه حاجي علي اصحاب جي مزار واري دري توڙي مزار ڀرسان رکيل نذراني جي پيٽي جا تالا توڙي پيل رقم چوري ڪري ويا. ٻئي طرف شهر جي گودڙا گلي واسي نوجوان فرحان گودڙائي جي در اڳيان بيٺل سندس هونڊا موٽرسائيڪل نامعلوم چور ڪاهي ويا، واقعي جو اطلاع ملڻ تي باڊهه پوليس پهچي معائنو ڪرڻ ۽ تفصيل وٺڻ ڪانپوءِ اين سي داخل ڪري ڇڏي. ياد رهي ته گذريل ٻن ڏينهن کان باڊهه شهر ۾ هڪٻئي پٺيان چوري جي وارداتن جو سلسلو جاري آهي. باڊهه - نصيرآباد روڊ تي دڪانن ۽ ماڊرين مان چوري ٿيل سامان ۽ روڪ رقم چوري ٿيڻ بعد وري گذريل رات مذڪوره ٽن وارداتن جو ٿيڻ باڊهه پوليس جي انتظامي لاپرواهيءَ کي واضح ڪري ٿي. هوڏانهن شهر ۾ وڌندڙ بدامنيءَ تي ساڄاهه وندن ۾ پوليس خلاف ڪاوڙ واري لهر ڇانيل آهي. شهرين ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻو کان

ڏوڪري اسپتال مان 8 ڏينهن اڳ اغوا ٿي ويل افسانا شيخ جو پتو نه پيو، واردات جي جاچ نه ٿي

نياڻي کي زمين ڳهي وئي يا آسمان، اسپتال انتظاميه، پوليس وارثن سان سهڪار بجاءِ هٿ هٺ رکي خاموش ويٺي رهي

اسپتال اندر لڳل سي سي ٽي وي ڪئميرائن فوٽيجز بابت اسپتال انتظاميه جاچ ۾ وارثن سان مدد ڪرڻ کان لنوائڻ لڳي

اسپتال انتظاميه ۽ پوليس اغوا ۾ وارثن سان سهڪار ڪري نياڻي واپس ڪرائي وڃي، ٻي صورت ۾ وي آئي پي روڊ تي ڌرڻو هڻنداسين: سماجي اڳواڻ

ڏوڪري (ن ع) ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي تعلقه اسپتال مان مبينا طور اغوا ٿي ويل 12 سالن جي نياڻي افسانا شيخ هفتو گذرڻ باوجود سندس خبر پئجي نه سگهيس اسپتال اندر لڳل سي سي ٽي وي ڪئميرائن فوٽيجز بابت اسپتال انتظاميه جاچ ۾ وارثن سان مدد ڪرڻ کان لنوائڻ لڳي، ڏوڪري پوليس پراسرار نموني اغوا ٿي ويل نياڻي افسانا شيخ بابت جاچ ۾ ڪابه اڳڀرائي نه ڪئي بي پهچ غريب هئڻ سبب وارثن کي تسليا دلاسا ڏئي رهي آهي ۽ پراپر نموني صحيح جاچ نه ٿي ڪري، ان سلسلي ۾ نوجوان سماجي اتحاد جي اڳواڻن ارشاد بگهيو، صمير لطيف جوڻيجو، ساجد باغ جتوئي، نذير جوڻيجو ۽ ٻين وفد جي صورت ۾ اسپتال انتظاميه ۽ ايس ايڇ او ڏوڪري سان ملاقات ڪري اغوا ٿيل نياڻي افسانا شيخ جي بازيابي لاءِ ترت اپاءَ وٺڻ لاءِ زور ڀريو اسپتال انتظاميه ۽ پوليس نياڻي جي اغوا ۾ وارثن سان سهڪار ڪري نياڻي واپس ڪرائي وڃي ٻي صورت ۾ وي آئي پي روڊ تي احتجاج ڪري ڌرڻو هڻڻ جو چتاءُ ڏئي ڇڏيو ۽ نياڻي جي اغوا تي خاموش نه ويهبو سندس بازيابي تائين جدوجهد ڪئي ويندي

ڏوڪري: اسپتال مان 8 ڏينهن اڳ اغوا ٿي ويل افسانا شيخ جو پتو نه پيو

سچل سرمت هال ڊي سي آفيس خيرپور ۾ سرٽيفڪيٽ ڏيڻ واري تقريب

ڳوٺ سينگار فائونڊيشن، يورپي يونين پاڪستان پاورٽي ايليويشن فنڊ تقريب منعقد ڪئي

گراسپ منصوبو ڪاميابي سان پورو ٿيو هي سڀني جي ڪاميابي آهي: فياض راهوجو

خيرپور(د ر) ڳوٺ سينگار فائونڊيشن (GSF) پاران يورپي يونين پاڪستان پاورٽي ايليويشن فنڊ (PPAF) انٽرنيشنل ٽريڊ سينٽر (ITC) جي گڏيل سهڪار سان هلندڙ منصوبي گراسپ تحت ڪامياب ننڍن ۽ وڏن ڪاروبارين کي مائل اسٽون ڪمپليشن (پروجيڪٽ ڪمپليٽ) سرٽيفڪيٽ ڏيڻ واري تقريب سچل سرمت هال ڊي سي آفيس خيرپور ۾ ٿي گذري، جنهن جو مهمان خاص ڊپٽي ڪمشنر خيرپور فياض حسين راهوجو هيا. تقريب ۾ سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ لائيو اسٽاڪ ڊپارٽمينٽ ايگريڪلچر اڪسٽينشن ڊپارٽمينٽ جي آفيسر سماجي اڳواڻ ڪاروباري شخصيتن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي مهمان خاص ڊپٽي ڪمشنر خيرپور فياض حسين راهوجو چيو ته گراسپ منصوبو ڪاميابي سان پورو ٿيو ۽ هن جي منصوبي جي ڪاميابي انهن سڀني جي ڪاميابي آهي جنهن هن کي سمجهيو ۽ ان مان فائدو حاصل ڪيو ۽ وڏي ڪاميابي اها آهي جو هن ۾ وڏو انگ عورتن جو آهي، هن وڌيڪ چيو ته اهڙا پروجيڪٽ اصل ۾ حڪومت جي مدد لاءِ آهن جتي حڪومت نٿي پهچي سگهي انهن علائقن ۽ ماڻهن جي هنن منصوبن تحت مدد ڪئي ٿي، هن وڌيڪ چيو ته اسان سڀني جو مقصد غربت گهٽائڻ آهي. هن وڌيڪ چيو ته گراسپ منصوبو هڪ بهترين منصوبو آهي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته عوام کي هن منصوبي بابت جامع ڄاڻ ۽ معلومات ملڻ گهرجي ته جيئن وڌ ۾ وڌ ڪاروبار ڪندڙ ماڻهو هن موقعي مان فائدو وٺي ڪاروباري سرگرمين کي وڌائڻ ۽ ڪاروبار ۾ جدت آڻي روزگار جا موقعا پيدا ڪن ته جيئن غربت ۽ بيروزگاري ۾ گهٽائي آڻي سگهجي، هن وڌيڪ چيو ته گراسپ هڪ شاندار منصوبو آهي جنهن تحت ننڍا ۽ وڏا ڪاروباري جيڪي ڪارڪون، انب، ڪيلو، بصر، ٽماٽر ۽ چوپائي مال سان جڙيل آهن پنهنجي ڪاروبار کي وڌائي ڪري بيروزگاري ۾ گهٽتائي آڻيندا. يو اين هيچ جي صفيه بلوچ سماجي اڳواڻ رابيل گل ڦلپوٽو سوشل ويلفيئر ڊپارٽ مينٽ جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر مدثر راهوجو لائيو اسٽاڪ ڊپارٽمينٽ جي آفيسر ڊاڪٽر نذير ملاح عبدالڪريم ابڙو صداقت لغاري ذوالفقار ڦلپوٽو مورخان مهر شهربانو شر نوربانو ملاح جنت خاتون جلباڻي خطاب ڪيو.

انجمن تاجران خيرپور جي هنگامي ميٽنگ، شهر جي اشوز ۽ ڪراين تي تفصيلي غور

خيرپور(د ر) انجمن تاجران خيرپور جي صدر عاشق حسين عباسي نائب صدر نصير ڏيٿو سان خيرپور ميونسپل ڪميٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر يارمحمد ڦلپوٽو جنرل ڪائونسلر ميونسپل ڪميٽي عملي سان هنگامي بنيادن تي ميٽنگ ٿي گذري، جنهن ۾ شهر جي اشوز ۽ ميونسپل ڪميٽي جي شاپ جي ڪراين تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو چيئرمين ڊاڪٽر يارمحمد ڦلپوٽو ۽ صدر انجمن تاجران عاشق حسين عباسي متفق راءِ سان گڏيل فيصلي کي تڪميل تائين پهچايو جيڪو فيصلو شهر جي تاجرن لاءِ بهترين ثابت ٿيندو ان موقعي تي چيئرمين ڊاڪٽر يارمحمد ڦلپوٽو انجمن تاجران جا ٿورا مڃيا ۽ عهد ڪيو ته شهرجي خوبصورتي ۽ شهر کي رليف ڏيندس جڏهن ته انجمن تاجران جي صدر عاشق حسين عباسي خيرپور شهر جي ميونسپل ڪميٽي شاپس جي مالڪن کي گذارش ڪئي ته ميونسپل ڪميٽي جو ڪرايو توهان سنڌهه بينڪ ۾ اڪائونٽ ميونسپل ۾ جمع ڪرائين اسان انجمن تاجران تاجرن جي حقن لاءِ جدوجهد جاري رکندي ان موقعي تي ڪائونسلر بابو فضل ڪريم ڊاڪٽر احسان پٺاڻ ڪائونسلر احسان جماڻي انڪروچمينٽ انچارج امتياز ڦلپوٽو سينيٽيشن انچارج زون ون لالا نجف پٺاڻ زون ٽو لالا جنيد عامر حسين ۽ ٻيا موجود هيا

ماتلي بوائز هاءِ اسڪول ۾ ٻارڙن جي تحفظ بابت آگاهي سيمينار

ٻارڙن سان ٿيندڙ بدسلوڪي، زيادتي، تشدد يا ظلم بابت آگاهي

سيمينار رپورٽ ڪرڻ ۽ ان تي ڪارروائي بابت طريقيڪار کان واقف ڪرائڻ هو: مقرر

ماتلي (ن ع) سماجي ڀهبود کاتي بدين تعليم کاتي جي تعاون سان گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ماتلي ۾ ٻارڙن جي تحفظ بابت هڪ آگاهي سيمينار منعقد ڪيو. سيمينار جو مقصد استادن کي ٻارڙن جي حفاظت ۾ سنڌن اهم ڪردار بابت آگاهه ڪرڻ ۽ ٻارڙن سان ٿيندڙ ڪنهن به قسم جي بدسلوڪي، زيادتي، تشدد يا ظلم جي رپورٽ ڪرڻ ۽ ان تي ڪارروائي بابت طريقيڪار کان واقف ڪرائڻ هو ايڊيشنل ڊائريڪٽر سماجي ڀلائي کاتو بدين عبدالغفار ڪوسو سيمينار ۾ خطاب ڪندي چيو ته ٻارڙن جي حفاظت سڀني جي گڏيل ۽ بنيادي ذميواري آهي هن ٻڌايو ته تشدد، استحصال، غفلت ۽ زيادتي اهي چار وڏا مسئلا آهن جن کي ٻارڙا سماج جي مختلف هنڌن تي منهن ڏين ٿا هن چيو ته گهر ۽ اسڪول ٻارڙن لاءِ نسبتاً محفوظ جايون آهن پر بدقسمتي سان پنجاهه سيڪڙو کان وڌيڪ ٻارڙا اسڪول کان ٻاهر آهن. تنهنڪري ضروري آهي ته گڏجي ڪوششون ڪري سڀني ٻارن جي اسڪولن ۾ داخلا کي يقيني بڻائجي ايڊيشنل ڊائريڪٽر وڌيڪ چيو ته استاد بهترين رول ماڊل هئڻ گهرجن ٻارڙن جي سکيل رويڙن کي سمجهن، سنڌن منفي عادتن کي ڇڏائڻ ۽ مثبت عادتن جي تربيت ۾ مدد ڪن. رسمي تعليم سان گڏ ٻارڙن کي زندگي جي بهترين قدرن ۽ شخصيت جي تعمير بابت سکيا ڏيڻ گهرجي.هن ٻڌايو ته 1121 چائلڊ هيلپ لائن 24 ڪلاڪ ڪم ڪري رهي آهي ۽ ٻارڙن جي تحفظ سان لاڳاپيل سڀ شڪايتون هن نمبر تي درج ڪرايون وڃن سيمينار جي آخر ۾ بهترين ڪارڪردگي تي استادن کي تعريفي سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا. سوشل ويلفيئر آفيسر عبدالحميد عمراڻي شاهد راجپوت، علي اختر ميمڻ محمد عارف سهتو، طارق ظفر راجپوت، نور احمد کٽي، زاهده لغاري، عائشه سيال ۽ ٻينش به سيمينار ۾ پنهنجا خيال پيش ڪيا

امين فهيم سروري سلسلي جي روحاني ميراث جو درخشان ستارو هو: مخدوم سعيد

هو پاڪستان جي سياست ۾ بردباري، روايت، رواداري ۽ عشقِ وطن جي علامت پڻ هو

مان مخدوم نوح سرور جو مريد ضرور آهيان منهنجو مرشد مخدوم امين فهيم آهي

سروري سرهاڻ تنظيم، مخدوم امين فهيم جي فڪر کي اڳتي وڌائڻ لاءِ پرعزم آهي

ڄامشورو (پ ر) مخدوم نوح سرور جي درگاهه جي پندرهين نمبر سجاده نشين، نامياري شاعر ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي پارليامينٽيرين جي صدر مخدوم امين فهيم جي ورسي جي موقعي تي، سروري تنظيم جي باني چيئرمين سروري سرهاڻ ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان "عاطف" پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته مخدوم امين فهيم نه فقط سروري سلسلي جي روحاني ميراث جو درخشان ستارو هو پر هو پاڪستان جي سياست ۾ بردباري، روايت، رواداري ۽ عشقِ وطن جي علامت پڻ هو. سنڌن شخصيت محبت، وفاداري ۽ اصولن جي پابنديءَ جو اهڙو مثال آهي جيڪو هميشه ياد رکيو ويندو.مخدوم سعيد الزمان "عاطف" چيو ته مان مخدوم نوح سرور جو مريد ضرور آهيان منهنجو مرشد مخدوم امين فهيم آهي هن وڌيڪ چيو ته مخدوم امين فهيم جي زندگيءَ جو هر پهلو اسان لاءِ مشعلِ راهه آهي، چاهي اهو روحانيت جو ميدان هجي خدمتِ خلق هجي يا سياسي تحريڪ جو سفر. هو هڪ اهڙو اڳواڻ هو جيڪو ڪڏهن به پنهنجي اصولن کان پٺتي نه هٽيو ۽ جيڪو محبت، امن، ايڪتا ۽ انسانيت جي پيغام کي هر دل تائين پهچائڻ لاءِ هميشه سرگرم رهيو. مخدوم سعيد الزمان "عاطف" وڌيڪ چيو ته سروري سرهاڻ تنظيم مخدوم امين فهيم جي فڪر اصولن ۽ روحاني خدمت جي روايت کي اڳتي وڌائڻ لاءِ پرعزم آهي. "اسان جو فرض آهي ته اسان سندس مشن کي وڌيڪ مضبوط بڻايون قوم سماج ۽ روحانيت جي خدمت کي سنڌن سکيا ۽ راهه مطابق جاري رکون "آخر ۾ هن دعا ڪئي ته الله پاڪ مخدوم امين فهيم جي مزارِ اقدس تي پنهنجي رحمتن جا وسيلا نازل فرمائي ۽ سروري سلسلي کي سندس علم، محبت ۽ خدمت واري راهه تي قائم رکي


ڄامشورو: امين فهيم سروري سلسلي جي روحاني ميراث جو درخشان ستارو هو: مخدوم سعيد

محتسب اعلي سنڌ جو ادارو عوام جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ جاکوڙي رهيو آهي: فضل محمد شيخ

گهوٽڪي (ن ع) گهوٽڪي محتسب اعلي سنڌ گهوٽڪي جي ريجنل ڊائريڪٽر فضل محمد شيخ چيو آهي ته محتسب اعلي سنڌ جو ادارو عوام جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ جاکوڙي رهيو آهي شهرين کي گهرجي ته سرڪاري ادارن خلاف پنهنجون شڪايتون کٽي اچن ڪين تڪڙو ۽ مفت انصاف فراهم ڪيو ويندو اهڙن خيالن جو اظهار هن گورنمينٽ گرلز لوئر سيڪنڊري اسڪول رحموالي گهوٽڪي جي دوري دوران ڪيو ان موقعي تي هن سيمينار کي خطاب ڪندي چيو ته محتسب اعلي سنڌ جي هدايتن موجب عوام ۾ سجاڳي پيدا ڪئي پئي وڃي ته محتسب اعلي سنڌ تڪڙو مفت ۽ بغير وڪيل جي انصاف فراهم ڪندڙ ادارو آهي جيڪو عام ماڻهن جي شڪايتن جو ازالو ڪرڻ لاءِ جاکوڙي پيو هن چيو ته جيڪڏهن عام ماڻهن جو ڪنهن سرڪاري اداري ۾ جائز ڪم نه پيو ٿئي يا بغير ڪنهن سبب جي دير ڪئي پئي وڃي ته ريجنل آفيس گهوٽڪي ۾ سادي ڪاغذ تي درخواست جمع ڪرائي سگهجي ٿي ان کان علاوه محتسب اعلي سنڌ جي ويب سائيٽ تي پڻ شڪايتون داخل ڪري سگهجن ٿيون هن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته اڄ جا شاگرد مستقبل

سڪرنڊ ۾ تحريڪ تحفظ آئين پاران 26 ۽ 27 هين ترميم خلاف ڪارو ڏينهن ملهايو ويو

سڪرنڊ (س ر) تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان پاران 26 ۽ 27 هين آئيني ترميم خلاف پوري ملڪ جيان سڪرنڊ ۾ پڻ ڪارو ڏينهن ملهايو ويو ان سلسلي ۾ مختلف تنظيمن پاران حافظ ڏين پٺو جي اڳواڻيءَ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جيڪا چانڊيه پيٽرول پمپ کان شروع ٿي مختلف رستن تان ٿيندي قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي پهچي جتي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري کي حافظ ڏين پٺو ، نثار ڀرهيا ، فقير غلام مصطفيٰ ڪيريو ، ايوب ڪوسو ، مس خوشبوءِ ڪيريو ۽ ٻين اڳواڻن ڳالهائيندي چيو ته 26 ۽ 27 هين آئيني ترميم چور حڪمرانن جي بچاءَ ۽ ملڪ ۽ قوم جي دشمن ترميم آهي جيڪا ڪنهن به حوالي سان ملڪي مفاد ۾ ناهي اسين ان ترميمن کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين هنن چيو ته هي حڪمران جيڪي ملڪ لٽڻ ۽ ڪمزور ڪرڻ ۾ ملوث آهن تن پنهنجي بچاءَ لاءِ ترميمون ڪيون آهن پر پاڪستان جو 22 ڪروڙ عوام ڪين ڪنهن به صورت ۾ من مانئي ڪرڻ نه ڏيندو هنن اهو به چيو ته تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان ان ڪاري قانون خلاف اڄ کان تحريڪ شروع ڪئي آهي جيڪا ترميمن جي خاتمي تائين جاري رهندي مظاهري دوران 26 ۽ 27 ترميم خلاف سخت نعري بازي پڻ ڪئي جڏهن ته ريلي

ڏوڪري ۾ 27هين آئيني ترميم خلاف ڪارو ڏينهن، احتجاجي مظاهرو

26هين ۽ 27هين غير آئيني ترميمن جي ڀرپور مزاحمت ڪنداسين: امداد جويو

آئينِ پاڪستان کي 40 واري قرارداد مطابق حقيقي شڪل ۾ بحال ڪيو وڃي

ڏوڪري (ن ع) ڏوڪري ۾ تحريڪ تحفظِ آئينِ پاڪستان جي سڏ تي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري جي اڳواڻي امداد علي جويو، صابر جروار ۽ ٻين ڪئي. مظاهري دوران اڳواڻن چيو ته پاڪستان ۾ لاڳو ڪيل 26هين ۽ 27هين سميت سڀني غير آئيني ترميمن جي ڀرپور مزاحمت ڪنداسين. انهن زور ڏنو ته آئينِ پاڪستان کي 40 واري قرارداد مطابق ان جي اصل روح ۽ حقيقي شڪل ۾ بحال ڪيو وڃي، جو ته هي معاملو ملڪ جي وسيع مفاد سان تعلق رکي ٿو. انهن وڌيڪ چيو ته 27هين ترميم ڪانپوءِ عدالتون ڪينگرو ڪورٽن کان به بدتر ٿي ويون آهن ۽ پارليامينٽ سپريميسي هيٺ اچي وئي آهي. سنڌ حڪومت قلم 144 ذريعي خوف جي فضا قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي جيڪا عدلي نظام جي آزادي تي اثرانداز ٿئي ٿي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلپلر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقاعده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

چنڇر 22 نومبر 2025ع

بدعنواني، حڪمراني ۽ معيشت ۾ ترقيءَ جو توازن

آءِ ايم ايف جي تازو جاري ڪيل گورننس اينڊ ڪرپشن ڊائيگناسٽڪ رپورٽ پاڪستان لاءِ هڪ خبردار ڪندڙ آواز آهي. رپورٽ ۾ هر سطح تي پکڙيل بدعنواني، ڪمزور طرزِ حڪمراني ۽ قانون جي عملداريءَ ۾ خامين کي اجاگر ڪندي چيو ويو آهي ته ملڪ جي معاشي ترقي انهن عنصرن جي غير موجودگيءَ سبب متاثر ٿي رهي آهي. آءِ ايم ايف جي مطابق، بدعنواني ۽ ناقص حڪمراني پاڪستان جي مجموعي معاشي پيداوار (GDP) کي سالانه 5 کان 6.5 سيڪڙو تائين گهٽائي رهي آهي، جيڪا ملڪ لاءِ سنگين اقتصادي نقصان جو سبب بڻجي رهيو آهي. آءِ ايم ايف رپورٽ ۾ ڪل 92 سفارشون پيش ڪيون ويون آهن، جن جو مقصد بدعنواني کي روڪڻ ۽ حڪومتي ادارن جي شفافيت کي يقيني بڻائڻ آهي. رپورٽ زور ڏئي ٿي ته اثاثن جي اعلان، نگران ادارن جي سربراهه جي تقرري ۽ سرڪاري ادارن جي قراردادن ۽ خريداريءَ جي عمل ۾ شفافيت کي فروغ ڏيڻ لازمي آهي. آءِ ايم ايف جي مطابق 2026 کان هر سطح تي وفاقي سول سرونٽس جا اثاثا عوام جي آگاهيءَ لاءِ رکڻ گهرجن ۽ انهن جي تصديق رسڪ جي بنياد تي ڪئي وڃي ته جيئن اختياري ۽ غير شفاف فيصلن کي روڪي سگهجي. رپورٽ ۾ 15 اهم شعبن تي زور ڏنو ويو آهي جن ۾ ڪنٽرولنگ ادارا جهڙوڪ CCP، SECP، NAB ۽ SIFC شامل آهن. آءِ ايم ايف ٻڌائي ٿو ته موجوده نظام ۾ انهن ادارن جي اختيارن ۾ تڪرار ۽ غير واضح پاليسيون موجود آهن، جيڪي فيصلن کي سست، بي ربط ۽ غير شفاف بڻائين ٿيون. مثال طور SIFCجا وسيع اختيار ۽ غير شفاف فيصلن جو عمل سرڪاري خريداري ۽ ٽيڪس مراعات ۾ سنگين نقصان جو سبب بڻجي رهيا آهن. آءِ ايم ايف ان ڳالهه تي زور ڏئي ٿو ته انهن ادارن جي سربراهه جي تقرريءَ لاءِ اهڙو قانوني فريم ورڪ جوڙڻ ضروري آهي جيڪو ميرٽ، شفافيت ۽ جوابدهيءَ کي يقيني بڻائي.

انهيءَ کان علاوه رپورٽ قانون جي حڪمراني ۽ عدالتن جي نظام تي پڻ ڌيان ڏئي ٿي. آءِ ايم ايف جي سفارش آهي ته تجارتي ۽ سول تڪرارن ۾ گهٽتائي لاءِ پروگرام ٺاهيا وڃن ۽ ان جي عملداري بابت رپورٽ عوام جي آگاهيءَ لاءِ جاري ڪئي وڃي. سول پروسيجر ڪوڊ جي اپڊيٽ ۽ ڪنٽريڪٽس ۽ جائيداد جي حقن کي مضبوط بڻائڻ لاءِ قانوني فريم ورڪ تي ڪم ڪرڻ لازمي آهي. اهي قدم قانون جي حڪمراني ۽ شفاف فيصلن لاءِ بنيادي اهميت رکن ٿا. ٻئي پاسي، پاڪستان جي حڪومت ۽ سرڪاري ادارن لاءِ اها رپورٽ هڪ چيلنج پڻ آهي. حڪومت کي اهو موقعو حاصل آهي ته آءِ ايم ايف جون سفارشون عمل ۾ آڻي ۽ ادارن جي ڪارڪردگي بهتر بڻائي. پر عملي سطح تي اهو ڏسڻ ضروري آهي ته صرف رپورٽ جاري ڪرڻ ڪافي ناهي: شفافيت ۽ احتساب کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ سياسي، انتظامي ۽ قانوني اراده موجود هجڻ. اهڙي صورتحال ۾ آءِ ايم ايف جي قرضي پروگرام جي قسط جاري ڪرڻ به هڪ محرڪ طور ڪم ڪري سگهي ٿي، پر اها بنيادي حل ناهي. هڪ وچٿري راءِ اها آهي ته آءِ ايم ايف جي رپورٽ جون سفارشون نه رڳو اقتصادي ضرورت آهن پر سياسي ۽ سماجي بهتريءَ لاءِ به اهميت رکن ٿيون. جڏهن سرڪاري ادارن ۾ شفافيت وڌندي، احتساب مضبوط ٿيندو ۽ قانون جي حڪمراني يقيني بڻجندي ته پوءِ پاڪستان جي معيشت ۾ وڌيڪ سيڙپڪاري، ترقي ۽ روزگار جا موقعا پيدا ٿيندا. ٻئي پاسي، حڪومت لاءِ اهو به ضروري آهي ته اهڙين تبديلين کي جلد ۽ منظم طريقي سان نافذ ڪندي ادارن جي خودمختياري ۽ فيصلن جي شفافيت برقرار رکجي. رپورٽ مان واضح آهي ته پاڪستان ۾ بدعنواني رڳو مالي نقصان جو سبب نه آهي پر اها سياسي ۽ سماجي نظام تي به اثرانداز ٿي رهي آهي. جيئن آءِ ايم ايف ٻڌائي ٿو ته ترقيءَ جي شرح کي گهٽائڻ اختيارن جو غير شفاف استعمال ۽ ادارن جي ڪارڪردگيءَ ۾ لاپرواهي قومي ترقيءَ لاءِ خطرناڪ آهي. تنهن ڪري، حڪومت لاءِ اها رپورٽ هڪ موقعو آهي ته هو ملڪ جي ادارن کي مضبوط بڻائي، شفافيت کي يقيني بڻائي ۽ بين الاقوامي اعتماد وڌائي. ملڪ لاءِ ضرورت صرف قرض حاصل ڪرڻ يا رپورٽ تي عمل ڪرڻ تائين محدود ناهي، پر اها حقيقت ته شفاف ۽ مضبوط ادارا ئي پاڪستان جي ترقيءَ جو بنياد بڻجي سگهن ٿا، سڀ کان اهم سبق آهي.

سياسي پارٽين جي وچ ۾ ڇڪتاڻ وارو تاجي پيٽو


اعجاز ممنائي

پاڪستان ۾ سياسي پارٽين جي وچ ۾ ڇڪتاڻ برقرار رکڻ جو عمل ڪو نئون ناهي، جڏهن به آئين ۾ ترميم جي ضرورت هوندي آهي يا عدالتن پاران ڪو آئيني فيصلو التوا ۾ هوندو آهي ته سياسي پارٽين جي وچ ۾ مخالفت اهڙي طرح ابري ايندي آهي جڻ سنڌن وچ ۾ صديون پراڻي قبائليت ۽ دشمني هجي بهرحال، هر ملڪ ۾ جتي پارلياماني نظام آهي، آئين ۾ ترميم کي پارليامينٽ جو استحقاق سمجهيو ويندو آهي. اهو واضح آهي ته پارليامينٽ ۾ عوام جي نمائندن کي آئيني حق حاصل آهي ته اهي ڪنهن به طريقي سان ڪم ڪن، جيڪو عوام جي ڀلائي ۽ ملڪ جي سلامتيءَ لاءِ فائديمند هجي. پارليامينٽ جو وجود ۽ بقا ساڳئي آئين جي تابع آهي. پارليامينٽ پاڻ ان کي تبديل ڪرڻ جي ذميوار آهي. پوءِ 27-هين آئيني ترميم جي تجويزن تي ايترو شور شرابو ڇو آهي؟ ڇا اسان کي پنهنجن ماڻهن تي ڀروسو ناهي ۽ جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ اسان، عوام، پڻ ان جا ذميوار آهيون، جيڪي پنهنجن نمائندن کي چونڊيندا آهيون ۽ انهن کي پارليامينٽ تائين پهچائيندا آهيون ته جيئن اهي پنهنجي منشور مطابق عوام جي مفادن جي نگراني ڪري سگهن ۽ ضرورت پوڻ تي آئين ۾ تبديلي آڻي نظام کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهن. ان حقيقت کان انحراف ڪرڻ ممڪن ناهي ته پاڪستان جو آئين هڪ زنده دستاويز آهي، جنهن ۾ هيستائين 26 ترميمون ڪيون ويون آهن. جڏهن به وقت ۽ حالتن مطابق عوامي سهولت، قومي مفاد ۽ بهتريءَ جي ضرورت پيش آئي، آئين ۾ مناسب ترميمون ڪيون ويون. 26-هين آئيني ترميم کان پوءِ، اهو ڏنو ويو ته آئيني عدالت جي قيام سان سپريم ڪورٽ جي ڪيسن جي فيصلن ۾ ڪجهه بهتري آئي آهي بهرحال، ساڳئي آئيني عدالت اڃا تائين ٻين ڪيسن جي ٻڌڻيءَ جو بار آهي، تنهن ڪري، هي بحث جاري آهي ۽ هيءَ تجويز غور هيٺ آهي ته هڪ الڳ آئيني عدالت قائم ڪئي وڃي ۽ آئيني ڪيسن کي الڳ الڳ حل ڪيو وڃي ته جيئن عدالتن تي دٻاءُ گهٽجي وڃي، ۽ ماڻهن کي فوري انصاف ملي سگهي. مشاهدي مان ظاهر ٿيو آهي ته جيتوڻيڪ آئيني ڪيسن جو مقدار سول، فوجداري ۽ متفرق ڪيسن جي مقابلي ۾ تمام گهٽ آهي، پر انهن ڪيسن سان لاڳاپيل پيچيده قانوني نقطن کي حل ڪرڻ ۾ تمام گهڻو وقت لڳندو آهي آئيني ڪيس صرف 10 سيڪڙو آهن، جڏهن ته اهي عدالت جو 50 سيڪڙو آهن حيرت جي ڳالهه اها آهي ته جڏهن 27هين ترميم جي خبر سامهون آئي، تڏهن سپريم ڪورٽ بار ۽ صوبائي بار ڪائونسلن جي چونڊن لاءِ مهم جاري هئي. هتي اهو به ٻڌائڻ ضروري آهي ته پاڪستان ۾ چونڊيل وڪيلن جي اڪثريت 26-هين آئيني ترميم جي حمايت ڪئي هئي، جڏهن ته ڪجهه وڪيلن ان جي مخالفت ڪري تحريڪ جو اعلان ڪيو ۽ ڪجهه ڪاهي ڌر جي سياستدانن سان ملي ڪري مظاهرا به ڪيا پر وقت گذرندي انهن تي ماٺار ڇانئجي وئي. انهي خاموشيءَ کي رضامندي به چئي سگهجي ٿو.

تازين چونڊن ۾ انهن ئي ماڻهن جي ڪاميابي ان حقيقت جو ثبوت آهي ته قانوني برادري نظام جي بهتري چاهي ٿي ۽ ڪنهن به سياسي گروهه جي پسند يا ناپسند تي عمل نه ٿي ڪري. يقيناً، وڪيلن جي قيادت سان 27 هين آئيني ترميم بابت پڻ صلاح مشورو ڪيو ويو هوندو، جنهن جو مقصد انصاف جي نظام کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ هو. وڪيلن جي سياست ۾ سرگرم پي ٽي آءِ جي حامي قيادت 26 هين ترميم جي تنقيد کي سياسي ۽ چونڊ بيانيہ طور استعمال ڪيو ۽ تازو سپريم ڪورٽ بار ۽ صوبائي بار ڪائونسل جي چونڊن جي نتيجن اهو واضح ڪيو ته هن سياسي بيانيي کي قبول نه ڪيو. ان حوالي سان، ججن جي منتقلي جي حوالي سان هڪ تجويز غور هيٺ آهي ته جيئن اهو اختيار پاڪستان جي عدالتي ڪميشن کي ڏنو وڃي، جيئن ته عدالتي ڪميشن اڳ ۾ ئي ججن جي مقرريءَ جو اختيار رکي ٿي، ڪميشن ججن کي مقرر ڪرڻ جو مجاز ادارو آهي يا رکڻ گهرجي ته هن ڪميشن کي نه رڳو مقرري جو اختيار آهي پر ان ۾ وڪيلن، سول سوسائٽي ۽ ٻين لاڳاپيل طبقن جي نمائندگي پڻ شامل آهي، جيڪا هن عمل ۾ شفافيت، توازن ۽ ادارتي اعتماد کي وڌائيندي. جيڪڏهن اسان عدالتي اصطلاحن جي حوالي سان سامهون ايندڙ تجويزن تي غور ڪريون ته اهو نه رڳو عدالتي نظام کي بهتر بڻائيندو پر ماڻهن کي فوري انصاف فراهم ڪندي. عدالتي ڪارڪردگي کي به بهتر بڻائيندو ڪيسن جو بار گهٽائيندو. جديد دور ۾، جنگ جو انداز بدلجي ويو آهي هاڻي جنگيون نه رڳو ميدان ۾ پر سائبر، انفارميشن ۽ ڊجيٽل امن ۾ پڻ وڙهيون وينديون آهن. تنهن ڪري، آرٽيڪل 243 جي حوالي سان ملڪ جي سالميت ۽ دفاع کي مضبوط ڪرڻ ۽ وڌيڪ هم آهنگي پيدا ڪرڻ ضروري سمجهيو وڃي ٿو ۽ هن جنگ ۾ ڪاميابي کان پوءِ، پاڪستان جي هٿياربند فوج کي مستقبل ۾ جنگين ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ وڌيڪ مضبوط ڪيو وڃي. خطي جي ٻين ملڪن پڻ پنهنجي دفاع کي مضبوط ڪرڻ لاءِ مختلف ترميمون ڪيون آهن، جيڪي انهن جي مدد ڪنديون. هن ترميمن فوج ۽ انهن جي دفاعي نظام کي مضبوط ڪيو ويو آهي ۽ انهن کي صورتحال سان منهن ڏيڻ ۾ مدد ڪئي آهي. جيئن ته هي قومي سلامتي جو معاملو آهي، ان تي غير ضروري بحث ۽ قياس آرائي ڪرڻ نامناسب آهي. بهرحال تجويز ڪيل ترميمن ۾ مئجسٽريٽ سسٽم جي بحالي پڻ شامل آهي. هن تجويز جو مقصد عدالت جو وقت بچائڻ، انتظامي معاملن کي انتظاميه جي حوالي ڪرڻ ۽ قيمتن جي ڪنٽرول کان وٺي عوامي حڪم تائين انهن معاملن کي انتظاميه جي اثرائتي نگرانيءَ هيٺ رکڻ آهي. ڪيترن ئي هنڌن تي، ڌوهن کي دهشتگردي سان جوڙيل ڏٺو ويو آهي. ڪجهه تجويزون پڻ آهن جن جو مقصد مجرمن ۽ دهشتگردن جي وچ ۾ تعلق

معاشري جي ترقيءَ لاءِ نوجوانن کي نظرياتي ٿي اڳيان وڌڻو پوندو!

مير قائم خان ٽالپر

اڄ جي گفتگو آئون ڪارل مارڪس جي انهن لفظن سان شروع ڪري رهيو آهيان جن ۾ هو مشورو ڏيندي چوي ٿو ته، "اسان جي ڏنڊو چوندڻ جي لاءِ قانون اهو هئڻ گهرجي ته پنهنجي ذات جي تڪميل سان گڏوگڏ انسان ذات جي ڀلائيءَ جي لاءِ به ڪم ڪريون، اسان جو رجحان اهو هجڻ کپي ته ٻين ماڻهن جي بهتريءَ جي لاءِ ڪم ڪري پنهنجي ذات جي تڪميل ڪريون." ڪارل مارڪس جي انهن لفظن کي مدِنظر رکندي آئون عرض ڪريان ته انساني معاشري جي شروعات تڏهن کان ٿي جڏهن پهرين انسانن گروهه جي صورت ۾ گڏيل زندگيءَ جو بنياد رکيو ۽ گڏجي ڪجهه ضابطا ناهيا ته جيئن فائدن يا نقصانن کي گڏجي منهن ڏئي سگهجي. انهيءَ حقيقت کي مدنظر رکي معاشري ۾ موجود مرد ۽ عورت کي انهن لفظن جي ذريعي ڪارل مارڪس اهو مشورو ڏنو آهي. آئون عرض ڪريان ته اسان جي معاشري جو تقريبن هر فرد خصوصن نوجوان نندڙين نندڙين ڳالهين تي هڪدم مايوسيءَ جو شڪار ٿيو وڃي ۽ پوءِ هو حقيقتن ۽ حالات جو مقابلو ڪرڻ جي بجاءِ ڊپريشن جو شڪار ٿيو وڃي. ڪيستائين اسان جا نوجوان مايوسين جي سمنڊ ۾ غرق ٿيندا رهندا؟ ڪيستائين اسان جون نياڻيون گهرن جي ڪمن لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏينديون؟ ڪيستائين اسان جو نوجوان بيروزگاريءَ جون ڏانهون ڪندي ڪندي زندگيءَ جا ڏينهن گذاريندو؟ ياد رکو اسان جو نوجوان پوءِ چاهي مرد هجي يا عورت هنن کي پنهنجو پاڻ کي نظرياتي بڻائڻو پوندو. انهيءَ ڪري جو پيڙيل معاشري جي آزادي ۽ نجات هميشه معاشري جي نوجوان مردن ۽ عورتن جي آزادي ۽ نجات سان ڳنڍيل آهي. ڇوڪرين کي پڙهائڻ معاشري ۾ مردن جي برابر ڪردار ادا ڪرائڻ، اهو سڀ تڏهن ممڪن ٿيندو جڏهن اسان جي معاشري جو هر نوجوان مرد ۽ عورت نظرياتي ٿي اڳيان وڌندا. هاڻي وقت اچي ويو آهي، اسان جي پٽ تي پيل اسان جي پيڙيل معاشري کي تبديل ڪرڻ جو انهي جي لاءِ اسان کي پنهنجي اندر ۾ تبديليون آڻڻيون پونديون.

ياد رکو ته اصل تبديلي اسان جي معاشري ۾ تڏهن ايندي جڏهن اسان جو نوجوان زندگيءَ مان مايوسيءَ واري لفظ کي هميشه هميشه جي لاءِ ڪڍي حالات سان مقابلو ڪرڻ جي همت پنهنجي اندر ۾ پيدا ڪندو. باقي ڳالهين سان تبديليون ناهن اينديون. ها ڪجهه وقت جي لاءِ قوم کي تبديليءَ جي نالي تي بيوقوف ضرور بڻائي سگهجي ٿو ليڪن ياد رکو جيڪڏهن جذبو، همت ۽ ڪجهه ڪري ڏيکارڻ جي سوچ اسان جي نوجوان وٽ هجي ته بس، ليڪن افسوس اهو آهي ته اڄ اها همت، اها سوچ اهو جذبو اسان جي نوجوان وٽ نه آهي. آئون پنهنجي نوجوانن جي لاءِ عرض ڪريان ته ڪاميابي همت، جذبو ۽ ڪجهه ڪري ڏيکارڻ جو نالو آهي. اڄ اسان جي نوجوان وٽ سڀ ڪجهه آهي، سواءِ انهن شين جي، انهيءَ ٿي ڪري مون کي افسوس ٿو ٿئي، جڏهن اسان جا نوجوان اها شڪايت ڪندي نظر ايندا آهن ته اسان بيروزگار آهيون، نوڪريون نٿيو ملن، اسان وٽ تعليم حاصل ڪرڻ جا ذريعا مختصر آهن، ليڪن انهيءَ جي سببن تي اسان جا نوجوان نظر ئي نٿا ڪن. انهن سڀني ڳالهين جو اصل سبب اهو آهي ته اسان جي نوجوان جي خواهش انهن جڳهين تي پهچڻ جي آهي، جيڪي اڳئي ڀريل هونديون آهن. اسان جو نوجوان انهن جڳهين جو سوچي ئي ڪونه ٿو جيڪي بلڪل خالي پيل آهن. انهيءَ جو سبب اهو آهي ته اسان جو نوجوان پنهنجو پاڻ کي مٿيرائي جي صلاحيت جي اهل ئي نٿو سمجهي، جنهن ڏينهن اسان جي نوجوانن ۾ اهو احساس پيدا ٿي ويو ته اسان به مٿيرائيءَ جا اهل آهيون ته پوءِ يقين ڪريو ته مايوسي اسان جي معاشري جي نوجوانن جي ويجهو به نه ايندي. انهيءَ ڪري جو عام جاين تي هرڪو پهچي وڃي ٿو اهي هميشه ڀريل نظر اينديون آهن پر مٿيون جڳهيون هميشه خالي هونديون آهن. جن تي اسان جي نوجوان جي نظر ئي نه ويندي آهي.

ياد رکو ڪاميابي همت، جذبي ۽ ڪجهه ڪري ڏيکارڻ جي سوچ ۾ ئي لڪيل هوندي آهي پر اسان انهيءَ کي ڳولهڻ جي حڪمت نٿا ڄاڻون. اسان جي محدود سوچ هيٺين جڳهين تائين ئي رهي ٿي، اهي هيٺيون جڳهيون هميشه ڀريل هونديون آهن، ليڪن مٿيون جڳهيون هميشه خالي هونديون آهن. پوءِ اوهان پنهنجي اندر ۾ هميشه خواهش انهن جڳهين تي پهچڻ جي ڪريو. ياد رکو اهي جڳهيون اوهان جو انتظار ڪري رهيو آهن. اهي اڄ به اوهان جي انتظار ۾ آهن. هن وقت انهيءَ ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته صرف اسان ئي نه پر سڄي دنيا هن وقت سخت حالتن کي منهن ڏئي رهي آهي، پوءِ چاهي اهي حالات جي حوالي سان هجن يا موسميات جي تبديليءَ جي حوالي سان. بهرحال سڄي دنيا هينئر سخت متاثر آهي. آئون عرض ڪريان ته هي حالات جي حوالي سان ڏکيو وقت اوهان امتحان الاهي سمجهي وڃايو نه. دير سوير مشڪلاتون ختم ٿي وينديون ۽ مون کي يقين آهي ته دنيا وري پنهنجي اصل حالت ڏانهن تمام جلد ضرور موٽندي. انهيءَ جي لاءِ هن وقت کي اوهان قدرت جي طرف کان مهلت سمجهي اڳتي اچڻ واري وقت کي پنهنجي ۽ پنهنجن جي لاءِ جيڪي اوهان تي دارومدار رکن ٿا، ڪي پروگرام سوچيو آهي لکو ۽ پنهنجي اندر خواهشن کي جنم ڏيو. پنهنجي اندر ڪجهه ڪرڻ جي همت پيدا ڪريو.

هتي اڄ آئون پنهنجي نوجوانن کي همت، جذبي ۽ جوش جي ڳالهه ٻڌايان ٿو. يقين ڪريو ته اهي ماڻهو به اسان جهڙا ٿي هئا ۽ اسان جهڙا ٿي آهن. آمريڪا جي شهر شڪاگو جي هڪڙي غريب گهراڻي ۾ جنم وٺندڙ والٽ ڊزني کي اڄ ڪارٽون فلمن جو باني چيو وڃي ٿو ۽ دنيا ۾ ڪير آهي جيڪو هن جي نالي کان واقف نه آهي؟ ليڪن اسان ڪڏهن غور ڪيو آهي ته انهيءَ منزل تائين پهچڻ ۾ هن غريب خاندان ۾ اک کولڻ واري والٽ ڊزني ڪيڏيون نه تڪليفون ڏٺيون. اسڪول مان فارغ ٿيڻ کانپوءِ هن فائن آرٽس جي اڪيڊمي مان تعليم حاصل ڪئي، ليڪن انهيءَ جي باوجود هن کي ڪٿي نوڪري نه ملي، ٻک ۽ بيروزگاريءَ هن کي ايترو ته مجبور ڪري ڇڏيو جو پهرين جنگِ عظيم جي دوران هن فرانس ۾ ريڊڪراس جي ايمبولنس جو ڊرائيور ٿيڻ پڻ قبوليو. انهي کانپوءِ 1918ع ۾ هن ڪينساس شهر ۾ ڪمرشل آرٽس جو دڪان کوليو. انهيءَ کان پوءِ هڪ فرم هن کي سئنيما هائوس ۾ ڏيکارڻ جي لاءِ اشتهارن جون سلائيڊيون ٺاهڻ جي ڪم تي رکيو. ليڪن هو انهيءَ ڪم ۾ به ناڪام رهيو ۽ پوءِ هڪ وقت والٽ ڊزني تي اهڙو به گذريو جو هو گمناميءَ جي دنيا ۾ غرق هو. يعني نوجوانيءَ ۾ والٽ ڊزني غربت جي هٿان ڏاڍو تنگ هو. اهڙو به وقت هن گذاريو جو هن وٽ ٻن وقتن جي ماني کائڻ جي لاءِ پئسا نه هئا. والٽ ڊزني ڪينساس ۾ ڪافي عرصو رهيو. هن کي آرٽسٽ بڻجڻ جو ڏاڍو شوق هو ۽ هميشه هن جي اها ئي خواهش رهي. انهي ڪري هن ڪينساس سٽي اسٽار جي آفيس ۾ نوڪري ڪرڻ جي لاءِ درخواست ڏني، اخبار جي ايڊيٽر هن جون ڪجهه ڊرائنگز ڏٺيون ۽ پوءِ هن کي اهو چئي موٽائي ڇڏيو ته تنهنجي اندر ۾ آرٽسٽ بڻجڻ جي ڪا به صلاحيت نه آهي. والٽ ڊزني هن جي انهيءَ جواب کان پوءِ مايوس ٿي ضرور موٽيو، ليڪن هن همت نه ڇڏي. آخرڪار هن کي گرجا گهر ۾ تصويرون ٺاهڻ جي لاءِ هڪ تمام معمولي پگهار تي نوڪريءَ ۾ رکيو ويو هن وٽ ايترا پئسا نه هئا جو هو الڳ پنهنجو اسٽوڊيو ٺاهي سگهي. گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ هن پنهنجي پيءُ جي گيراج کي بطور اسٽوڊيو استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. گيراج ۾ ڪم ڪرڻ انهي وقت هن کي بيحد ڏکيو پئي لڳو. هڪ ڏينهن جڏهن والٽ ڊزني پنهنجي پيءُ جي گيراج ۾ ڪم ڪري رهيو هو ته گيراج جي ڪنڊ مان هڪڙو ڪئو نڪري هڪڙي تختي تي چڙهي راند ڪرڻ لڳو. والٽ ڊزني ڪم ڇڏي هن کي ڏسڻ لڳو ۽ پوءِ هو اندر گهر ويو ۽ ٿوري بريڊ کڻي آئي هن کي کارائڻ لڳو. جيئن جيئن ڏينهن گذرندا ويا اهو ڪئو هن سان مانوس ٿيندو ويو. ايستائين جو پوءِ جڏهن به والٽ ڊزني ڪم ڪندو هو ته هي هن جي ڊرائنگ بورڊ تي چڙهي ويٺو هوندو هو ۽ والٽ ڊزني پنهنجو ڪم ڪندو رهندو هو. آخرڪار جڏهن والٽ ڊزني وٽ 40 ڊالر ٿيا، تڏهن هي سڀ ڪجهه ڇڏي هالي ووڊ هليو ويو. هالي ووڊ پهچي اتي هن متحرڪ ڪارٽونن جو سلسلو شروع ڪيو. ليڪن هن جو اهو سلسلو به ناڪام ثابت ٿيو ۽ هن جا ڏينهن وري فاقن ۾ گذرڻ لڳا. هڪڙي ڏينهن هو پنهنجي ڪمري ۾ ويٺو هو ۽ ڪارٽونن جي نئين سلسلي جي باري ۾ سوچي رهيو هو ته اوچتو هن جي دماغ ۾ گيراج وارو ڪئو اچي ويو. هو انهي ٿي وقت اٿيو ۽ انهيءَ ڪئي جو خاڪو ٺاهڻ لڳو. اهڙي طرح ڪارٽونن جي سلسلي 'مڪي ماؤس' جنم ورتو. ڪينساس واريءَ انهي ڪئيءَ کي مرندي وقت گذري چڪو آهي، ليڪن والٽ ڊزني پنهنجي پويان هڪ اهڙو فلمي سلسلو ڪارٽون جي شڪل ۾ ڇڏي ويو آهي، جنهن جو شمار اڄ دنيا جي بهترين فلمن ۾ ٿئي ٿو. مڪي ماؤس کي هر روز ايترا ته خط ايندا هئا جو دنيا جو ڪو مشهور اداڪار به هن جو مقابلو نٿي ڪري سگهيو ۽ هن جي شهرت انهيءَ وقت هر وڏي اداڪار کان وڌيڪ هئي. والٽ ڊزني هفتي ۾ به ڪان تي پيرا راتي باغ وڃي جانورن جي ٻولين جو مطالعو ڪندو هو. 'مڪي ماؤس' فلم ۾ ڪئيءَ جو آواز هن پاڻ ڪڍيو آهي. انهيءَ کان علاوه پنهنجي ٻين فلمن ۾ به هن ٻين جانورن جا آواز پاڻ ڪڍيا آهن ۽ پوءِ اڳتي هلي والٽ ڊزني پنهنجي فلمن جي لاءِ پاڻ ڊرائنگز ٺاهڻ بند ڪري ڇڏيون ۽ نه ئي هو ڪا ڪهاڻي لکڻ لڳو. اهو سڄو ڪم پوءِ هن جو اسٽاف ڪرڻ لڳو. اڄ والٽ ڊزني جي ڪارٽون ڪمپني دنيا جي وڏي ڪارٽون ٺاهڻ واري ڪمپني آهي ۽ اڄ هن جو شمار دنيا جي مشهور ترين شخصيتن ۾ ٿئي ٿو. هن پنهنجي زندگيءَ ۾ 22 آسڪر ايوارڊ حاصل ڪيا.

هاڻ اچو ته اسان پنهنجو پاڻ تي غور ڪريون ته ڇا اسان وٽ اهڙي همت آهي، ڇا اسان وٽ اهڙو جذبو آهي، جهڙي همت ۽ جذبو والٽ ڊزنيءَ وٽ هو؟ ڇا هو اسان جيان ڪنهن منزل تي مايوس ٿئي ٿو؟ منهنجو جواب آهي نه. ياد رکو اسان جي نوجوانن کي به همت ڪري دنيا کي پاڻ ڏانهن ائين ئي متوجه ڪرڻو آهي جيئن والٽ ڊزني همت، سوچ ۽ جذبي سان سوچڻ، لکڻ ۽ ڪارٽونن جي ذريعي دنيا کي پاڻ ڏانهن متوجه ڪيو. ڪاش اسان جا نوجوان هن وقت جنهن به حال ۾ آهن پنهنجي اندر جيئڻ ۽ اڳتي وڌڻ جي خواهش پيدا ڪن ۽ وقت کي ضايع نه ڪن. ڇو ته گذري ويل وقت وري واپس نه ايندو آهي ۽ زندگي به هڪ دفعو ئي ملي ٿي. سوچو اڃا وقت ويو نه آهي. اهڙيون خواهشون پنهنجي اندر ۾ اپاريو جو اچڻ وارا نسل اوهان مان ڪجهه پرائين!

اسان پنهنجو پاڻ تي غور ڪريون ته ڇا اسان وٽ اهڙي همت آهي، ڇا اسان وٽ اهڙو جذبو آهي، جهڙي همت ۽ جذبو والٽ ڊزنيءَ وٽ هو؟ ڇا هو اسان جيان ڪنهن منزل تي مايوس ٿئي ٿو؟ منهنجو جواب آهي نه. ياد رکو اسان جي نوجوانن کي به همت ڪري دنيا کي پاڻ ڏانهن ائين ئي متوجه ڪرڻو آهي جيئن والٽ ڊزني همت، سوچ ۽ جذبي سان سوچڻ لکڻ ۽ ڪارٽونن جي ذريعي دنيا کي پاڻ ڏانهن متوجه ڪيو. ڪاش اسان جا نوجوان هن وقت جنهن به حال ۾ آهن پنهنجي اندر جيئڻ ۽ اڳتي وڌڻ جي خواهش پيدا ڪن ۽ وقت کي ضايع نه ڪن، ڇو ته گذري ويل وقت وري واپس نه ايندو آهي ۽ زندگي به هڪ دفعو ئي ملي ٿي. سوچو اڃا وقت ويو نه آهي. اهڙيون خواهشون پنهنجي اندر ۾ اپاريو جو اچڻ وارا نسل اوهان مان ڪجهه پرائين!

سلامتي ڪائونسل غزه ۾ امن قائم ڪري سگهي ٿي؟

ڊاڪٽر رشيد احمد خان

گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل غزه ۾ مستقل فائر بندي ۽ پائيدار امن جي قيام لاءِ صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي 20 نڪاتي امن سمجهوتي تي مبني هڪ قرارداد منظور ڪئي آهي جنهن تحت ٽرمپ جي امن منصوبي ۾ تجويز ڪيل اهم قدمن تي عملدرآمد جي راهه هموار ٿي وئي آهي. اها قرارداد امريڪا جي طرفان پيش ڪئي وئي هئي ۽ ڪائونسل جي تمام 10 غير مستقل ميمبرن کان علاوه پنج مان ٽن مستقل ميمبرن (امريڪا، برطانيا ۽ فرانس) ان جي حق ۾ پنهنجو ووٽ ڏنو آهي ڪائونسل جي باقي ٻن مستقل ميمبرن روس ۽ چين کي ان قرارداد تي تحفظات هئا. ان کان پهرين گڏيل قومن جي حلقن ۾ اهي افواهون گرم هيون ته روس سلامتي ڪائونسل ۾ هڪ متبادل قرارداد ڏيارڻ جي لاءِ تياري ڪري رهيو آهي پر ان ووٽنگ ۾ چين سان گڏ عدم شرڪت تي اتفاق ڪيو روس ۽ چين کان علاوه حماس ۽ فلسطيني حلقن جي طرفان به ان قرارداد تي اعتراض ڪيا پيا وڃن پر جيئن ته هن قرارداد کي امريڪا ۽ يورپي ملڪن کان علاوه ڪجهه عرب ۽ مسلمان ملڪن جي به حمايت حاصل هئي ان لاءِ روس ۽ چين قرارداد کي ويٽو نه ڪيو، مغربي ۽ مسلم دنيا ۾ ان قرارداد جو خير مقدم ڪيو پيو وڃي ۽ اهو چيو پيو وڃي ته جيتوڻيڪ هن قرارداد ۾ ڪيترائي ڳالهين تي اختلاف آهن ۽ فلسطين مسئلي جي حل جي لاءِ گهربل بنيادي قدمن کان پاسو ڪيو ويو آهي پر موجوده حالتن ۾ ان کان علاوه ڪو آپشن به نظر نٿو اچي گذريل ٻن سالن جي دوران غزه کي اسرائيل ڪنٽرات ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي 69 هزار کان وڌيڪ ماڻهو جن ۾ اڪثريت عورتن ۽ ٻارن جي آهي کي موت جي ننڊ سمهارڻ کان علاوه اسرائيل غزه جي پٽيءَ ۾ 80 سيڪڙو عمارتن کي تباهه ڪري غزه جي تقريبن تمام آبادي کي بي گهر ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان تباهيءَ ۾ ان کي امريڪا جي ڀرپور حمايت حاصل هئي جڏهن ته سڄي دنيا بلڪ پاڻ امريڪا، برطانيا، فرانس، جرمني ۽ ٻين يورپي ملڪن ۾ اسرائيل جي بربريت جي خلاف لکين ماڻهن جي مظاهرن آخرڪار امريڪا کي غزه ۾ جنگ بندي جي لاءِ سيپٽمبر ۾ 20 نڪاتي منصوبو پيش ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو، ان منصوبي جي سفارشن ۾ اسرائيلي مفادن جي تحفظ کي ترجيح ڏني وئي ۽ فلسطينين جي مفادن کي نظر انداز ڪيو ويو، جڏهن ته غزه کي وڌيڪ تباهي کان بچائڻ جي لاءِ حماس به ان منصوبي جي حمايت تي رضامندي ظاهر ڪري ڇڏي، صدر ٽرمپ جي منصوبي تي اسرائيلي موقف جي حمايت ڪرڻ کان علاوه اهو به اعتراض هو ته ان جي ڪا قانوني بنياد نه آهي ان لاءِ ڪيترائي ملڪن راءِ ڏني ته هن خامي کي ختم ڪرڻ جي لاءِ منصوبي کي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل مان منظور ڪرايو وڃي، 8 عرب ۽ مسلم ملڪن جن ۾ پاڪستان به شامل آهي ان ضمن ۾ ڪليدي ڪردار ادا ڪيو هو.

سلامتي ڪائونسل جي قرارداد ۾ صدر ٽرمپ جي منصوبي کي بنا ڪنهن اهم تبديلي جي ساڳي حالت ۾ منظور ڪيو ويو آهي ان لاءِ جيڪي تحفظات ۽ خدشا صدر ٽرمپ جي منصوبي تي ظاهر ڪيا پئي ويا، اهي ساڳيا گڏيل قومن جي قرارداد جي باري ۾ ظاهر ڪيا پيا وڃن سلامتي ڪائونسل ۾ قرارداد تي بحث جي دوران روس جي نمائندي ان تي سخت تنقيد ڪندي چيو ته قرارداد ۾ غزه تي ليگ آف نيشنز جي مينڊيٽ سسٽم وانگر هڪ اهڙي انتظاميا کي مسلط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ فلسطينين کي شامل ناهي ڪيو ويو، اهڙي طرح چين جي نمائندي به قرارداد ۾ غزه جي شهرين جي حقن ۽ مفادن کي نظر انداز ڪرڻ تي شديد تحفظات جو اظهار ڪيو، چيني نمائندي قرارداد ۾ غزه جي انتظام و انصرام جي لاءِ جنهن ڪائونسل آف پيس ۽ ٻين قدمن جي تفصيل بيان ڪئي ۽ ان تي تبصرو ڪندي چيو ته ان ۾ سواءِ فلسطيني عوام جي باقي سڀ ڪجهه آهي قرارداد ۾ عالمي استحڪام فورس جي تشڪيل ۽ ان جي مينڊيٽ تي حماس پنهنجو رد عمل ڏيندي ان جي سخت مخالفت ڪئي آهي ان کان علاوه غزه مان اسرائيلي فوج جي واپسي کي جهڙي طرح اسرائيل جي مرضي ۽ صوابديد تي ڇڏيو ويو آهي، حماس ان جي سخت مذمت ڪندي ان کي رد ڪري ڇڏيو آهي ۽ چيو آهي ته گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل اسرائيل جي سامهون گوڏا کوڙي ڇڏيا آهن ۽ اسرائيل کي اهي مقصد حاصل ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو آهي، جيڪو اهو ٻن سالن جي بربريت ۽ سفاڪي جي ذريعي حاصل نه ڪري سگهيو ان ڳالهه کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته سلامتي ڪائونسل قرارداد ٽرمپ منصوبي جي ڪجهه شقن ۾ موجود ابهام کي واضح نه ڪري سگهي، مثال طور اڃا تائين اهو واضح نه آهي ته عالمي استحڪام فورس جو مينڊيٽ ڪهڙو هوندو؟ ڇا ان جو ڪم امن جو قيام هوندو يا امن کي مسلط ڪرڻ هوندو، جيستائين امن جي قيام جو تعلق آهي ته ڇا ان فورس کي اسرائيل جي خلاف طاقت استعمال ڪرڻ جو اختيار هوندو؟ قرارداد جي مطابق عالمي استحڪام فورس چار فرض سرانجام ڏيندي، سرحدي علائقن ۾ تشدد جي روڪٿام ۽ امن امان جو قيام، غزه مان جنگجوئن جو خاتمو جنهن ۾ حماس کي مڪمل طور تي غير مسلح ڪرڻ شامل آهي ان کان علاوه فلسطينين تي مشتمل پوليس جي تنظيم ۽ تربيت ۽ غزه جي رهواسين تائين انساني امداد، خوراڪ، پاڻي ۽ دوائن جي پهچ به ان جي فرضن ۾ شامل آهي گڏيل قومن جي قرارداد ۾ عالمي استحڪام فورس کي وسيع اختيار ۽ انهن اختيارن کي استعمال ڪرڻ ۾ هر قسم جا ذريعا استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي آهي ائين غزه کي پنهنجي شهرين جي بدران هڪ غير ملڪي فورس کي غزه تي پنهنجي حڪمراني جو حق ڏنو ويو آهي ۽ هڪ آزاد ۽ خودمختيار فلسطيني رياست جي قيام کي اڃا به مشڪوڪ بڻايو ويو آهي اهڙي طرح گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل 17 نومبر جي قرارداد جي ذريعي فلسطين تي پنهنجي ماضي جي ڪيترائي قراردادن جي نفي ڪري ڇڏي آهي جو ته اسرائيل سان گڏوگڏ فلسطين ۾ فلسطينين جي هڪ الڳ، آزاد ۽ بااختيار رياست، جنهن ۾ اردن درياهه جو مغربي ڪنارو، غزه ۽ بيت المقدس جو مشرقي حصو شامل آهي جو واعدو گڏيل قومن فلسطينين سان ڪيترائي ڀيرا ڪري چڪي آهي گڏيل قومن پنهنجي گذريل واعدن کي وسارڻ جي بدران موجوده قرارداد ۾ فلسطيني رياست جي قيام کي غير يقيني بڻايو آهي اهو ئي سبب آهي ته نه صرف اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو بلڪ امريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ به قرارداد جي منظوري تي خوشي جو اظهار ڪري رهيو آهي، جو ته اسرائيل وانگر امريڪا به هڪ الڳ فلسطيني رياست جو مخالف آهي اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو ته ڪليل طور اعلان ڪيو آهي ته اسرائيل ڪنهن صورت هڪ الڳ فلسطيني رياست جي قيام جي اجازت نه ڏيندو پنهنجي هن منصوبي تي عملدرآمد ڪرڻ جي لاءِ اسرائيلي حڪومت والاريل مغربي ڪناري ۾ نيون يهودي آباديون تعمير ڪرڻ جو اعلان به ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان کان علاوه اسرائيلي پارليامينٽ مان مغربي ڪناري کي اسرائيل ۾ ضم ڪرڻ جي حق ۾ قرارداد به منظور ڪرائي ورتي آهي، ٽرمپ منصوبي جي بنياد تي سلامتي ڪائونسل جي تازي قرارداد جي خلاف اسرائيل جي ساڄي ڌر جي عنصرن جي طرفان احتجاج تي نيتن ياهو پنهنجي حڪومتي اتحادين کي يقين ڏياريو آهي ته فلسطين ۾ فلسطينين جي هڪ الڳ رياست ڪڏهن به ڪونه ٺهندي فلسطين مسئلي جي بنيادي ۽ انتهائي اهم پهلوئن کي نظر انداز ڪري يا غير ضروري ابهام پيدا ڪري گڏيل قومن جي قرارداد ٽرمپ منصوبي جي ناڪامي کي يقيني بڻائي ڇڏيو آهي، جو ته اسرائيل جو واحد مقصد حماس کي غير مسلح ڪري والاريل عرب علائقن خاص طور تي اردن درياهه جي مغربي ڪناري ۽ غزه ۾ فلسطيني مزاحمت کي هميشه جي لاءِ ختم ڪرڻ آهي ته جيئن اهو گريٽر اسرائيل جو خواب شرمنده تعبير ڪري سگهي پر اسرائيل ان ۾ ڪامياب نٿو ٿي سگهي، جو ته حماس غزه جي انتظام و انصرام کان عليحدگي تي پنهنجي رضامندي جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي پر اهي اسرائيلي قابض فوجن جي خلاف قومي مزاحمت تان دستبردار نه ٿيندي اهڙي طرح جيڪڏهن سلامتي ڪائونسل جي قرارداد جو مقصد ٽرمپ منصوبي ۾ ڏنل فريم ورڪ جي مطابق غزه ۾ هڪ غير ملڪي اٿارٽي کي مسلط ڪرڻ آهي ته ان منصوبي جي ڪاميابي جو به ڪو امڪان نظر نٿو اچي.

عبرت پوسٽ
Ibrat Post
خط: جي متن سان اداري جو متفق هجڻ ضروري ناهي

سرڪار جي ڪن لاٽار سبب تباهه ٿيندڙ تعليم!

دنيا ۾ تعليم کي ترقيءَ جو راز سمجهندي اتان جون حڪومتون هر حال ۾ درسگاهه آباد رکڻ لاءِ ڪوشان هونديون آهن. پر افسوس جو ساڻيهه سنڌ ۾ هڪ وني ڪري صوبي جو تعليمي نظام تباهه ڪري سنڌ جي لکين شاگردن جو مستقبل داءَ تي لڳايو ويو آهي. سنڌ اندر اڄ به سون جي تعداد ۾ اسڪول بند پيل آهن ۽ لکن جي تعداد ۾ ٻارڙا تعليم جهڙي بنيادي حق کان محروم آهن. اهڙو ئي هڪ اسڪول تعلقي جمبڙ ۾ واقع آهي جيڪو قائم ته 2007ع ڌاري ٿيو پر سرڪاري بيحسيءَ ۽ تعليم کاتي جي لاپرواهي سبب هن اسڪول ۾ مستقل طور تدريسي عمل بحال ٿيڻ شاگرديائين لاءِ اڄ به هڪ خواب بڻيل آهي. تازو ڳوٺاڻن جي سخت احتجاج ۽ انٿڪ ڪوشش کانپوءِ جڏهن تعليم کاتي پاران ٽيچر کي بدلي ڪري مقرر ڪيو ويو آهي ته افسوس جو ڪيترو ئي گذرڻ باوجود بدلي ٿي آيل ٽيچر جوائننگ ناهي ڏئي سگهي ۽ نه ئي ڊي اي او ٽي اي او تورڙي تعليم کاتي تندوالهيار پاران ٽيچر جي جوائننگ نه ٿيڻ سبب تعلقي جمبڙ جي هن ڪئمپس اسڪول جي مسلسل تالابندي لاءِ ڪو قدم کنيو ويو آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته فوري طور تعليم کاتي جي لاڳاپيل اختيارين کي هن اسڪول جي مستقل بحالي لاءِ تحرڪ وٺڻ گهرجي ۽ بدلي ڪيل ٽيچر کي فوري جوائننگ ڪرائي شاگرديائين جو مستقبل تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي.

— آفتاب سليمان لغاري

سنڌ ڪابينا جا فيصلا

تازو سنڌ ڪابينا جي اجلاس ۾ ورڪس کاتي ۽ شگر انڊسٽري سان لاڳاپيل جيڪي اهم فيصلا ڪيا ويا، تن بابت ڪجهه اهم نڪتا اوهان جي معزز اخبار وسيلي عوام آڏو رکڻ ضروري ٿو سمجهان. پهريون ۽ نهايت اهم فيصلو اهو آهي ته سنڌ ڪابينا گريڊ 5 کان 15 تائين جي نوڪرين لاءِ "آءِ بي اي سڪر جي ٽيسٽ نتيجن کي 2028ع تائين ڪارآمد قرار ڏنو آهي". هي قدم هزارين اميدوارن لاءِ وڏو اتساهه وارو ثابت ٿيو آهي، ڇو ته هاءِ ڪورٽ جا حڪم، عام چونڊون ۽ سرڪاري پابندين سبب اهي ڀرتيون وقت سر نه ٿي سگهيون. جيڪڏهن نتيجن جي مدي ۾ واڌ نه ٿئي ها ته ڪيترائي لائق ۽ محنتي نوجوان ناانصافيءَ جو شڪار ٿين ها. ڪابينا جو هي فيصلو انهيءَ حق تلفي کي روڪڻ ۾ مدد ڏيندو. ٻيو اهم قدم ورڪس کاتي کي 'پ پ موڊ وارين رٿائن' لاءِ ڀرتين جي اجازت ڏيڻ آهي، جن ۾ حيدرآباد— سان شڪ شبها گهٽجندا ۽ قابليت کي ترجيح ملندي. ٻئي طرف اجلاس ۾ 'ڪمند جي پيڙهائي جي تاريخ 15 نومبر 2025ع مقرر ڪرڻ' پڻ اهم اعلان آهي. هر سال سنڌ ۾ ڪمند جي خريداريءَ ۾ دير سبب آبادگار سخت متاثر ٿيندا رهيا آهن. ڪمند سوڪهڙو ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ ڪڻڪ جي فصل لاءِ زمين جي تياري ۾ به دير پوي ٿي. حڪومت جو اهو موقف صحيح آهي ته شگر مل مالڪن کي وقت سر خريداري ڪرڻ گهرجي، پر افسوس جو پاسما وارا گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ تيار ناهن، جنهن سبب هر سال تڪرار پيدا ٿيندا آهن. حڪومت کي هن معاملي ۾ وڌيڪ سختي اختيار ڪرڻ گهرجي ته جيئن آبادگار ۽ شگر ملز وچ ۾ منصفاڻي نظام قائم ٿي سگهي. سنڌ جي نوجوانن، آبادگارن ۽ ماڻهن لاءِ ڪيل اهي فيصلا اهم ضرور آهن، پر انهن تي صحيح ۽ شفاف عملدرآمد ئي اصل ڪاميابي هوندي. اوهان جي اخبار رياستي ادارن کي جوابده رکڻ ۾ هميشه مثبت ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ اميد آهي ته هن معاملي ۾ به عوام جي آواز طور پنهنجو ڪردار جاري رکندي.

— هڪ باشعور شهري

الرا ۽ جتوئي تڪرار

تازو پرياليءَ جي ڪچي ۾ ٿيل خونريز تڪرار بابت، جيڪو الرا ۽ جتوئي ڌرين وچ ۾ ڀيهر ڀڙڪي اٿيو. اخبار رپورٽ ڪيو آهي ته فائرنگ ۾ 'چار ڄڻا مارجي ويا ۽ پنج کان وڌيڪ زخمي ٿيا.' تڪرار جو مرڪزي علائقو الرا جاگير جو ڪچي وارو علائقو آهي، جتي هٿياربندن وچ ۾ سنڌو درياءَ جي ڪناري ڪيترائي ڪلاڪ فائرنگ هلندي رهي. اهڙي شدت ۽ جاني نقصان نه رڳو علائقي جي عوام لاءِ خطرناڪ آهي، پر امن ۽ قانون جي حڪمراني تي به سوال اٿاري ٿو. مقامي ماڻهن موجب، فيض محمد ٻندو ٿاڻي جي پوليس واقعي واري هنڌ تي دير سان پهتي، جنهن سبب وڌيڪ جاني نقصان ٿيو. ان جي مقابلي ۾ پوليس جو موقف آهي ته اطلاع ملڻ تي فوري طور تي موقعي تي پهچي وئي ۽ مقابلي دوران جوابدار اعظم جتوئي مارجي ويو. بعد ۾ ايس ايس پي خيرپور حسن سردار نيازي جي اڳواڻي ۾ ڳوٺ شير محمد جتوئي ۾ وڏو آپريشن ڪيو ويو، جتي جوابدارن جا نڪاتا ۽ خالي گهر باهيون ڏئي ڊاهي ڇڏيا. پوليس اهڙي صورتحال ۾ قانون جي حڪمراني ۽ پوليس جي بروقت ۽ مؤثر قدم جي ضرورت آهي ته جيئن اهڙا واقعا ٻيهر پيش نه اچن.

— سرمد خاصخيلي، ميرپورخاص

ترين ٿي ڏاريا....

هن وقت هڪ اهم سياسي ۽ سماجي مسئلي تي پنهنجا خيال لکڻ پيو چاهيان. تازو ئي ايم ڪيو ايم جي سربراهه ڊاڪٽر خالد مقبول ۽ ڊاڪٽر فاروق ستار پاران سنڌ ۾ نئين صوبي جي ڌمڪي ۽ عدالتن ۾ وڃڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. ايم ڪيو ايم جو موقف آهي ته آئين جي آرٽيڪل 239 تحت نوان ضلعا، ڊويزن ۽ صوبا ٺاهڻ جا اختيار موجود آهن ۽ پيپلز پارٽي انهن مطالبن کي غداريءَ سان تشبيهه ڏئي رهي آهي. پر مون کي لڳي ٿو ته ايم ڪيو ايم جا هي مطالبا بنيادي طور تي غير عملي، علائقائي مفادن تي مرڪوز ۽ سياسي دٻاءُ پيدا ڪرڻ وارا آهن، جن ۾ عوامي بهبود جو ڪو به مقصد نه آهي. ايم ڪيو ايم هميشه پنهنجو موقف ڪراچي ۽ حيدرآباد جي ترقي ۽ انتظامي اختيارن تي زور ڏيڻ سان پيش ڪندي آهي، پر اصل ۾ اها سياسي طاقت حاصل ڪرڻ جو ذريعو بڻجي چڪي آهي. جڏهن ڪنهن سياسي جماعت جا مطالبا صرف هڪ مخصوص علائقي تائين محدود هوندا آهن ته اهو باقي سنڌ ۽ ملڪ جي عوام جي حقن کي نظرانداز ڪرڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿو. ڊاڪٽر خالد مقبول جي دعويٰ آهي ته ڪراچي مان 17 سالن جو قبضو ختم ٿيڻ گهرجي ۽ شهر جو ماسٽر پلان ڪرپشن ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي، پر حقيقت اها آهي ته ايم ڪيو ايم اڪثر سياسي بيان بازيون ڪندي عدالتن ۽ ميڊيا ذريعي دٻاءُ پيدا ڪرڻ تي ڀاڙيندي آهي، جڏهن ته اصل مسئلن جي حل لاءِ ڪو واضح ۽ عملي پلان پيش نه ٿو ڪيو وڃي جڏهن ڪو سياسي گروپ صرف پنهنجي علائقي ۽ ڪارڪنن جي مفادن لاءِ عدالتن ۽ روڊن تي احتجاج جو اعلان ڪري ٿو ته اها جمهوريت جي بنيادي اصولن جي خلاف آهي. ان کان علاوه، ايم ڪيو ايم جي موقف ۾ تضاد پڻ نظر اچي ٿو هڪ طرف اهي عوام جي حقن ۽ آئين تي عملدرآمد جو نعرو هڻن ٿا ته ٻئي طرف اهي ٻين صوبن ۽ علائقن جي حقن تي ڌيان ڏيڻ کان قاصر آهن. جيڪڏهن پيپلز پارٽي يا ڪنهن ٻئي منصوبا نه پر صرف بنيادي انتظامي ڪمن جو حصو آهن. اهڙي طريقي سان سياسي جماعتن جو ڪم صرف عوام کي ڏاڍائي ۽ احتجاج ذريعي دٻاءُ ۾ رکڻ بڻجي ٿو، جيڪو ڪنهن به صحتمند جمهوريت لاءِ نقصانڪار آهي. آخر ۾ مان اها ڳالهه زور سان چاهيان ٿو ته ايم ڪيو ايم جا مطالبا صرف سياسي ۽ علائقائي مفادن تائين محدود آهن، جيڪي آئين جي روح ۽ عوامي مفادن جي لحاظ کان شڪ جوڳا آهن. جيڪڏهن ڪنهن به جماعت کي عدالت ۽ روڊن تي احتجاج ذريعي پنهنجا مطالبا مڃرائڻا آهن ته اها جمهوري عمل ۾ خلل پيدا ڪري ٿي ۽ ٻين علائقن جي عوام جي حقن کي نظرانداز ڪندي آهي. جمهوريت ۾ مسئلن جو حل سياسي بحث، قانوني حڪمت عملي ۽ شفاف انتظامي عمل سان ٿيڻ گهرجي نه ڪي ڌمڪين ۽ مخصوص علائقائي مفادن تي زور ڏيڻ سان. ٻيو ته سنڌ ڪروڙين ماڻهن جو وطن رهي آهي، ان کي جيڪڏهن ڪو ٽوڙڻ جي ڳالهه ڪندو ته ان خلاف ڪروڌ ۽ ڪاوڙ فطري بڻجي ٿو. تنهن ڪري ايم ڪيو ايم کي نفرتن جي راند ڇڏي ڀائيچاري جي ڳالهه ڪرڻ گهرجي.

— عاشق حسين پنهور، سکر

غزه جو امن

غزه ۾ امن جي هلندڙ ڪوششن تي هاڻي پاليسي کان وڌيڪ انساني دلين جو زور ضروري آهي. جنهن لمحي وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ پرڏيهي کاتي جهڙين قيادتن حماس جي مشروط ردعمل کي جنگ بنديءَ جو سنهرو موقعو قرار ڏنو، ان وقت دنيا کي ڪشادي دل سان سوچڻ گهرجي ته هن موقعي کي ضايع ٿيڻ کان ڪيئن بچايو وڃي. پاڪستان جو موقف- هميشه فلسطيني عوام جي پاسي ۾ بيهڻ- ايئن ئي رڳو سياسي نعرو نه، پر اخلاقي ذميواريءَ جو اظهار آهي. پر لفظن کان اڳ عمل ۽ مستقل عالمي دٻاءُ لازمي آهي. ايڏي وڏي انساني تباهيءَ جي پسمنظر ۾، جيڪا رپورٽن موجب دهشتگرديءَ جي بدران جنم وٺندڙ بدترين شهيدن ۽ زخمين جو منظر پيش ڪري رهي آهي، دنيا جو ضمير سُتل آهي. هزارين معصوم عورتون، ٻار ۽ بزرگ خندقن ۾ پنهنجون زندگيون وڃائي رهيا آهن. اسپتال ۽ بنيادي سهولتون تباهه ٿي چڪيون آهن. خوراڪ ۽ دوائن جي گهٽتائي ماڻهن کي زنده رکڻ جا چيلينج پيدا ڪري رهي آهي. اهڙي صورتحال ۾ ڪنهن به قسم جي جنگي تبديليءَ کي سياسي مفادن جي چشمي سان ڏسڻ وڏي ناانصافي آهي. اهو پڻ ياد رکڻ گهرجي ته هر جنگ بنديءَ کان پوءِ به اقتصادي ۽ سماجي

CLASSIFIED ADVERTISMENT

عام اطلاع

ڪورٽ نوٽيس

ڪورٽ نوٽيس

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپني (HESCO)

HESCO

واڪ جي دعوت

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني (HESCO)، هڪ پاور ڊسٽريبيوشن ڪمپني، جنهن جو بنيادي ڪم سنڌ صوبي جي 13 ضلعن جي علائقي ۾ بجلي (بجلي) جي فراهمي، ورچ ۽ وڪرو ڪرڻ آهي. حيسڪو/ڊسڪوز/اين ٽي ڊي سي/پي پي ايم سي/واپڊا جي اڳوات قابليت رکندڙ ۽ رجسٽرڊ مينوفيڪچررز کان سنگل اسٽيج سنگل لفافي طريقيڪار تحت مهر بند واڪ طلب ڪري ٿو. جيڪي انڪم ٽيڪس ۽ سيلز ٽيڪس ڊپارٽمينٽ سان رجسٽرڊ آهن ۽ جيڪي فيڊرل بورڊ آف روينيو جي فعال ٽيڪس ادا ڪندڙ لسٽ ۾ آهن. هيٺين سامان جي فراهمي لاءِ:

Tender No.	Lot. No.	Description	Unit	Quantity	Date & Time: Submission of bids:	Date & Time: Opening of bids:
127/2025	I	Screw Wrench 200mm	No.	1000	16.12.2025 at 11.00 am	16.12.2025 at 11.30 am
		Screw Wrench 300mm	No.	1000		
	II	Screw Driver 7"	No.	100		
		Screw Driver 8"	No.	100		
		Screw Driver 9"	No.	100		
		Screw Driver 10"	No.	100		
	III	Side Cutting Pliers	No.	1000		
	IV	Lineman Tool Bag	No.	1200		
	V	Bolt Cutter	No.	80		
	VI	Lineman Knife	No.	500		
128/2025	I	Lineman Rain Coat 54"	No.	400	17.12.2025 at 11.00 am	17.12.2025 at 11.30 am
		Lineman Rain Coat 50"	No.	400		
	II	Lineman Uniform (Skilled) (M)	Pair	1000		
		Lineman Uniform (Skilled) (L)	Pair	1000		
		Lineman Uniform (Skilled) (EL)	Pair	1000		
	III	Lineman Uniform (Un-Skilled) (M)	Pair	1000		
		Lineman Uniform (Un-Skilled) (L)	Pair	1000		
		Lineman Uniform (Un-Skilled) (EL)	Pair	1000		
129/2025	I	Earth Grounding Set	No.	80		
	II	High Voltage Detector	No.	80		
	III	Clipon Ampere / Volt Meter	No.	100		
130/2025	I	Grip Pulling Cond. 12.5mm	No.	200	18.12.2025 at 11.00 am	18.12.2025 at 11.30 am
	II	Grip Pulling Cond. 6.1mm	No.	200		
	III	Cuffing Hoist (Rachet Lever) 1.5 ton	No.	100		
	IV	Chain Pulley Block 3-Ton	No.	80		
131/2025	I	Smoke Mask	No.	50		
	II	Safety Google	No.	100		
	III	Fire Extinguisher 5-7kg CO2	No.	50		
132/2025		Insulated Bucket Mounted Vehicles	No.	12	19.12.2025 at 11.00 am	19.12.2025 at 11.30 am

1. شرط ۽ ضابطن جي مطابق E-واڪن جا دستاويزن. تفصيلي شرط ۽ ضابطا، وضاحتون ضروريات وغيره تي مشتمل رجسٽرڊ واڪ ڏيندڙن جي لاءِ EPADS تي دستياب آهي (www.eprocure.gov.pk).
2. اليڪٽرانڪ واڪ مقرر تاريخ ۽ وقت تي EPADS استعمال ڪري جمع ڪرايون وينديون دستي واڪ قبول نه ڪيا ويندا. اليڪٽرانڪ واڪ انهيءَ ڏينهن کوليا ويندا.
3. سمورا E-واڪ سان گڏ هڪ واڪ سيڪيورٽي سان گڏ هئڻ گهرجن. جيڪي فرمون پنهنجي اڪائونٽ سان تيار ڪنديون. ڪنهن به شيڊيول بينڪ آف پاڪستان کان چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر، حيسڪو حيدرآباد جي نالي ۾ بينڪ گارنٽي/ سي ڊي آر/ بينڪر چيڪ جي صورت ۾ هئڻ گهرجن جيڪي 28 ڏينهن تائين ڪارگر هجن. واڪ جي درستگي جي تاريخ. ممڪنه واڪ ڏيندڙ EPADS تي واڪ جي حفاظت ٽيل اسڪين ٽيل ڪاپي اپ لوڊ ڪندا ۽ اصل واڪ جي حفاظت تي E-واڪ جي افتتاحي تاريخ کان هڪ ڏينهن پهرين پروڪيورنگ ايجنسي تي جمع ڪرائڻ ضروري آهي. جنهن ۾ ناڪام ٿيڻ تي E-واڪن کي رد ڪيو ويندو
4. نمونا (جيڪڏهن واڪ واري دستاويز ۾ گهربل هجي) اي-بول جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ ۽ وقت تي يا ان کان اڳ خريداري ايجنسي کي جمع ڪرائڻ گهرجن. نه ته اي-واڪ رد ڪئي ويندي
5. واڪ ڏيندڙن کي فرم/ حتمي قيمتن جو حوالو ڏيڻو پوندو ۽ واڪ کولڻ کانپوءِ لاڳت ۾ اضافي جي ڪابه درخواست نه ڪئي ويندي.
6. هي اشتهار PPRA جي ويب سائيٽ تي www.ppra.org.pk ۽ حيسڪو جي ويب سائيٽ: www.hesco.gov.pk تي دستياب آهي.

نوٽ:

i. PPRA قاعدي 2004 جي قاعدي-48 جي لحاظ کان تشڪيل ڪيل GRC جو نوٽيفڪيشن EPADS تي (www.eprocure.gov.pk) تي فراهم ڪيل آهي.

مئنيجر (مٽيريل مئنيجمينٽ) HESCO حيدرآباد

روم نمبر: 237 واپڊا آفيسز ڪامپليڪس، حسين آباد، حيدرآباد.فون نمبر: 022-9260127،
اي ميل: mmmhesco@yahoo.com

PID(H)196/2025

سنجهورو ويجهو ڌهني مريض پٽ ماءُ کي تيز ڌار اوزار سان ڪهي قتل ڪري ڇڏيو

عمرڪوٽ: بينظير هاري ڪارڊ ورهائڻ واري تقريب جو ڏيک

هالا ۾ نالي واري برڪ سياستدان مخدوم محمد امين فهيم جي ورسي ملهائي وئي

مخدوم امين فهيم جي ڪاوشن جي ڪري مخدوم خاندان پيپلزپارٽيءَ ۾ شامل ٿيا: مخدوم جميل

هالا: مخدوم جميل الزمان ۽ مخدوم محبوب الزمان مخدوم امين فهيم جي مزار تي دعا گهري رهيا آهن

اسلام ڪوٽ: ڪول ڪمپنين جا ملازم احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽرڪول بلاڪ ٽو ۾ مزدورن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

عمرڪوٽ ۾ بي بي پي پارن هارين جي مالي سهائتا، 58 هزار پورن ڪاسين جي تقريب

عبرت جي سرڪيوليشن مينيجر محمد عظيم گلاٽي جو والد لاڏاڻو ڪري ويو

ڏهرڪي ۾ لوڊر رڪشا ۽ ٽريڪٽر ٽرالي ۾ ٽڪر هڪ ڄڻو زخمي، اسپتال منتقل

باڊهه ۾ ايس يو پي پاران 27 هين آئيني ترميم خلاف احتجاجي ريلي

گهوٽڪي ياسين لڳ تيز رفتار ڪوچ جي ٽڪر ۾ واٽهڙو جهيڻائي فوت

گهوٽڪي: حادثي ۾ زخمي ٿيل نوجوان اسپتال ۾ علاج هيٺ

ڪنڊيارو لڳ ٽريڪٽر ٽرالي ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر سبب نوجوان فوت

عوامي مسئلن جو حل حڪومت جي پهرين ترجيح آهي: محمد بخش مهر

لکي غلام شاهه: صحافي سان فراڊ خلاف شهرين ۽ صحافين جو احتجاجي مظاهرو

ڪاروونجهر واسي پوڙهيءَ جو ڪينسر ۾ مبتلا ڪيهر واري جي علاج جي اپيل

ٻي ايڇ او تعليم خيرپور پاران ڊبر سان ايندڙ 6 ماسترياڻين ڪان وضاحت طلب

کانڊيو مهر: صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر ماڻهن جا مسئلا ٻڌي رهيو آهي

پان سيدآباد ۽ قوم پرست جماعتن پاران 27 هين آئيني ترميم خلاف احتجاجي ريلي

سجاول لڳ پوليس جو مبينا مقابلو، هڪ ڌوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار

خيرپور پوليس پاران مختلف هنڌن تي ڌوهارين خلاف آپريشن، 23 شڪي

يورپي يونين جي وفد ڪراچي ۽ حيدرآباد جو دورو، زرعي ڪاروبار ۽ GRASSP پروجيڪٽ جو جائزو ورتو

عدالتي حڪم تي عمل نه ڪرڻ تي ايس ايڇ او کي هٿڪڙيون

خيرپور لڳ ڪارگو رڪشا ڪلٽي، 12 ڄڻا زخمي، اسپتال منتقل

ماتلي: سوشل ويلفيئر جي ڊپٽي ڊائريڪٽر غفار ڪوسو ۽ ٻيا تقريب کي خطاب ڪري رهيا آهن

حيدرآباد: نئين پل وٽ ٿيل بازار سان ماڻهو خريداري ڪري رهيا آهن

حيدرآباد ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي نگراني هيٺ وڏي پيماني تي اينٽي انڪروچمينٽ آپريشن

حيدرآباد ۾ سينيئر صحافي جام فريد لاکو جي والد جو اوچتو ديهانت

ٽنڊو محمد خان ۾ ٽريلر ٽڪر ۾ فوت ٿيل ٻن نوجوانن جي تدفين

ٽنڊو پريس ڪلب پاران ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان تقريب

دادو ۾ ڏنڊا بردار گروپن ۽ پوليس ۾ جهڙپ، 15 ڄڻن تي ڪيس داخل

ڪنري واري ڪي منشيات جو ڪاروبار...

محرابپور ۽ مختلف جماعتن پاران 26 ۽ 27 ترميم خلاف احتجاجي مظاهرو

دادو: سيشن ڪورٽ اڳيان ڏنڊا بردار پوليس گرفتار ڪري رهي آهي

خانپورمهر ويجهو پوليس جو امن بحالي لاءِ ڌوهارين خلاف آپريشن، 4 شڪي گرفتار

حيدرآباد لڳ پ پ اڳواڻ ماشر خاصخيلي جو لاڏاڻو

سڪرنڊ ۾ صوفي شاعر حمل فقير لغاري جو 151 هون عرس مبارڪ ملهايو ويو

ڪنڊيارو ۾ مختلف تنظيمن پاران 26 ۽ 27 ترميمن خلاف احتجاجي مظاهرو

نئين ميرواهه لڳ ٻڌي ويل نوجوان جي لاش جي ريسڪيو آپريشن، لاش هٿ نه آيو

حيدرآباد: نوڪرين سان ڪڍيل ڪارڪن احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊو پ پ شهيد پٽو پوٽو پاران شهيد شاهنواز ڀٽو جي سالگرهه ملهائي وئي

راڌڻ ٻنگيءَ هٿياربندن جي واپاري جي دڪان تي ڪاهه، فائرنگ، ڪيس داخل

ڪراچي: ماهيگيرن جي عالمي ڏهاڙي جي سلسلي ۾ ماهيگيرن جي تقريب

ڪنڊڪوٽ ۾ قتل ٿيل ٻيءِ ۽ پٽ جا قاتل گرفتار نه ڪرڻ خلاف احتجاج

لاڙڪاڻي ۾ ريڙها هلائيندڙن پاران نئين ٽيڪس وصولي خلاف احتجاجي ڌرڻو

استاد عزيز جڪرو ۽ رضوان ڪوسو وفد جي انڪوائري ڪرائي وئي: رياض جانيو

پ ٻ جون پارٽين عوام ۽ ڪنٽرولڪن ۾ عملدرآمد ڪرائڻ جي ڀيٽ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو

اسلام آباد: هڪ شخص ڪاٺ کڻي وڃي رهيو آهي

شڪارپور ۾ 26 هين ۽ 27 هين آئيني ترميمن ۽ ظلم، جبر ۽ فاشزم جي خلاف احتجاج

ٻ پ ۾ ڀٽو خاندان جي ڪردار کي لکين خراج تحسين پيش ڪيا ويا

مانجهند ويجهو کهڙو ڀيٽ تي نامعلوم عورت خودڪشي ڪري ڇڏي

شهداد پور واسي آفيسر لڳ اڳوڻي حاجي رانا سردار احمد لاڏاڻو ڪري ويو

جيڪب آباد: گرفتار ٿيل 16 هٿياربند لٽيري ۽ ٻين ڌاڙيل آهن

پنوعاقل لڳ سرهو برادري جي ڏرين ۾ جهيڙو، هڪ ڄڻو زخمي، اسپتال داخل

پنوعاقل لڳ جتوئي مهر ۽ مرهاڻي جتوئي ۾ ڪاري تان فائرنگ، 3 ڄڻا زخمي

اسلام آباد: موٽرن ۽ ايم ٽيگ لڳائڻ لاءِ سينٽر تي ماڻهن جون قطارون لڳل آهن

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پبلشر پرنٽرز سان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد سان ڇپرائي جاري ڪئي.